اسٽالن ـ ٽراٽسڪي تڪرار

پس منظر

فريڊرڪ اينگلس روس جي هڪ عورت انقلابي اڳواڻ ويرازا سولچ کي پنهنجي هڪ خط ۾ روس جي حالتن جو تجزيو ڪندي حيرت جو اظهار ڪيو آهي ته روس ۾، خاص طرح نوجوانن ۾ انقلابي ۽ مارڪسي فڪر جي ارتقا جو عمل تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي ۽ اها ڳالهه نشاندهي ڪري ٿي ته روس 1789ع جي اُن انقلاب جي ويجهو آهي، جنهن ۾ فرينچ سرمائيدار طبقي جاگيرداريت ۽ بادشاهيت جو خاتمو آندو.

فريڊرڪ اينگلس جي خيال ۾ 1789ع جي انقلاب کان پوءِ ئي روس 1871ع جي پيرس ڪميون جي دؤر ۾، يعني سوشلسٽ انقلاب جي ڏاڪي ۾ داخل ٿي سگهي ٿو. پر حقيقتن ۽ سماجي سلسلن تاريخ کي هڪ ٻيو موڙ ڏنو. پليخانوف جي شروع ڪيل نظرياتي فڪري جدوجهد 1917ع جي آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب جو روپ ورتو. حيرت جي ڳالهه ته اها آهي جو خود پليخانوف مارڪسي فڪر کي زار شاهي، جاگيرداريت جي خاتمي ۽ سرمائيداري نظام جي جوڙجڪ جو ذريعو بنائڻ چاهيو ٿي، پر تاريخ کي پنهنجا قانون ٿين ٿا.

1917ع کان اڳ جي روس ۾ هاري غلاميءَ جي صورت رکندڙ جاگيرداري نظام هو. جنهن جو اظهار گوگول جي شاندار ناول ”مرده روحن“ ۾ ٿيل آهي. روس ان وقت ڪنهن ٻـ ٻئي ملڪ جي ٻينڪيت نـ هو پر ان جي ابتڙ زار جي شهنشاهيت ۾ ٻيون ڪيترئون ئي قومون روس جون غلام هيون. ٻين لفظن ۾ روس جديد قومي رياست جي حيثيت پڻ نـ ٿي رکي ۽ اُتي جاگيرداري شهنشاهيت موجود هئي.

اڄ جو جديد سرمايداري نظام دراصل اولهه يورپ جي نمائندگي ڪري ٿو ۽ ان جي ئي پيداوار آهي. انگلينڊ، فرانس ۽ جرمني اُهي خطا هئا، جن هن سڄي دنيا جي گولي تي سرمايداري راڄ کي ڦهلايو ۽ وڌايو. مطلب تـ اولهه يورپ ئي باقي سڄي رهيل دنيا کي سرمايداريءَ کان اڳوڻن سماجي سرشتن مان ٻاهر ڪڍيو. جيئن اسان جي پنهنجي سنڌ پڻ انگريز راڄ جي تحت ئي جاگيرداري سياسي نظام، يعني بادشاهت مان نڪري جديد پارلياماني رياستي نظام تائين پهتي. پر ان سرمايداري سرشتي ۾ موجود پيسي جي راڄ ۾ ٻين قومن جي ڦر لٽ جو عمل سموري انساني تاريخ ۾ موجود ڦر لٽ کان وڌيڪ تيز رهيو آهي. هڪ يا ڏيڍ صديءَ اندر سڄي دنيا انهن ٽن يورپي سامراجي ملڪن جي قبضي هيٺ اچي وئي ۽ اڄ پڻ آمريڪا جي صورت ۾ انهيءَ ساڳيءَ يورپي سرمايداريت جو ئي راڄ موجود آهي، پر روس پاڻ پري هڪ وڏي شهنشاهيت هجڻ سبب 1917ع کان اڳ ۽ پوءِ ان سامراجي شهنشاهيت جو پوريءَ طرح حصو نـ ٿي سگهيو.

انساني تاريخ جي سلسلي ۾ جڏهن ٿي ٿي، چار چار سماجي نظام هڪٻئي سان ٽڪراءَ ۾ هجن ٿا تـ انهن مان سڀ کان وڌيڪ ترقي يافتـ نظام پوين نظامن جي صورت ئي تبديل ڪري ڇڏي ٿو. يورپي سرمايداري اڳوڻن سماجي نظامن جي ڪايا پلٽ ڪري ڇڏي ۽ اڳوڻا نظامَ پنهنجو وجود بچائڻ لاءِ يورپي سرمايداري نظام جون روايتون ۽ عادتون سکڻ لڳا، چاڪاڻ تـ سرمايداري نظام جي پيٽ ۾ اڳوڻا سماجي سرشتا پٺتي پيل ۽ پسمانده هئا. مثال طور: اسان وٽ مير، پير ۽ وڏيرا انگريزي ٻولي ڳالهائڻ ۽ پارلياماني سرشتي جي سياست ڪرڻ جي عادت سکيا. ٻين لفظن ۾ اڳوڻن نظامن جي رڳو صورت بدلجي وئي، پر جوهر نـ بدليو. 1917ع کان اڳ جي روس ۾ پڻ اهو ئي ڪجهه ٿيو.

روس جي بادشاهه پيٽر اعظم، سرمايداري نظام جي دٻاءَ هيٺ روس کي اولهائڻ (Westrenisation) جي شروعات ڪئي. هن سڀ کان اول اولهه يورپ جي شهرن جي نموني تي نون شهرن جي جوڙ جڪ ڪئي. مثال طور: روس جي شهر سينٽ پيٽرس برگ جي تعمير جو

عمل شروع ٿيو. اهڙي عمل جي آغاز بادشاهن کي مجبور ڪيو ته پراڻي نظام کي هلائڻ لاءِ نوان طريقا اختيار ڪيا وڃن. پر اولهه يورپ تاريخ ۾ ٻن روپن ۾ موجود هو ۽ بادشاهن کي ان حقيقت جي سمجهه نه هئي. اولهه جو هڪ روپ سرمايداريءَ جو استحصالي روپ هو ۽ ٻئي پاسي بادشاهت جي خاتمي جي انقلابي تحريڪن ۽ پورهيت جدوجهدن جي شاندار روايتن جو يورپ هو. جڏهن روس ۾ يورپ جو تعارف ٿيو ته روسي يونيورسٽين جا نوجوان فرينچ انقلاب جي دور کان تمام گهڻا متاثر ٿيا، چاڪاڻ ته سندن آڏو زار جو شهنشاهي راڄ موجود هو. اولهائڻ جي عمل روس جي ڪيترن ئي شهرن ۾ انقلابي گروهن کي جنم ڏنو ۽ تاريخ طئي ڪري ڇڏيو هو ته انهن جو جنم زار جو موت ثابت ٿيندو.

يورپي سرمايداري نظام ان ئي دور ۾ اقتصادي طرح سامراجيت جو روپ وٺي رهيو هو. ان ئي سبب جي ڪري هڪ پاسي يورپي سرمايداريت پراڻن نظامن کي پنهنجي غلاميءَ ۾ آڻڻ لاءِ تبديل ڪيو. پر ٻئي پاسي پٺتي پيل ملڪن جي ترقيءَ جي رفتار کي ڏسي اهي ڊڄي ويا ته متان هي ملڪ اسان جي منڊين ۽ اقتصادي سرشتي جي مقابلي ۾ نه اچي وڃن ۽ اتي ئي يورپي سرمايداريت پراڻن نظامن کي قائم رکڻ جو رجعت پسند ڪردار ادا ڪيو ۽ ڪري رهي آهي. مثال طور، جيئن اڄ آمريڪا وچ اوڀر ۾ تيل جي ڦرلٽ جي سلسلي ۾ سعودي عرب جي بادشاهت جو وڏو حمايتي ۽ بادشاهت قائم رکڻ جو داعي بڻيل آهي.

1917ع کان اڳ جي روس ۾ يورپ جي اثر هيٺ اپريل نئون روسي سرمايدار طبقو انقلابي تحريڪن جي ڊپ ۽ ساڳئي وقت يورپي سامراجي راڄ جي نمائندي سبب جاگيرداريت خلاف هارين ۽ پورهيتن جو ساٿاري نه، پر زار شاهي جو حامي ٿي بيٺو. ٻين لفظن ۾ عالمي سامراجي راڄ ۾ پٺتي پيل ملڪن ۾ موجود شهري مٿيون وچولو طبقو انقلابي عمل کان نااهل ٿي پيو. اهڙي طرح روس ۾ ان طبقي سرمائيداري نظام جي تڪميل ڪرڻ بجاءِ جاگيرداري شهنشاهيت جو ساٿ ڏنو ۽ سندن ان ڪردار جي ڪري ئي روس 1917ع جو آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب ڏنو. ساڳيءَ ريت اهو سڀ ڪجهه اسان جي آڏو

ويهين صديءَ ۾ چين، ويٽنام، ڪوريا، ڪيوبا ۽ ٻين ڪيترن ئي ملڪن ۾ ٿي گذريو ۽ ايڪيهين صديءَ ۾ وينزيويلا، برازيل، سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ٿي رهيو آهي.

هاڻ اچو ته ان ساڳئي مسئلي کي روس ۾ مارڪسي نظريي جي ارتقا جي نقطي نگاهه کان ڏسون. يعني ان حقيقت جو جائزو وٺجي ته ان دور ۾ ان سچي صورتحال کي مارڪسي عالمن ڪيئن سمجهيو پئي؟

روس ۾ مارڪسزم جو جنم داتا پليخانوف، مارڪس ۽ اينگلس جي وفات کان پوءِ، اولهه يورپ ۾ موجود ٻي ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي نقطي نگاهه سان متفق هو. ٻي ڪميونسٽ انٽرنيشنل جو مؤقف هو ته روس بنيادي طرح سان سرمائيداري کان اڳوڻي نظام، يعني جاگيرداري ۾ جيءُ رهيو آهي. تنهن ڪري اتي موجود پورهيت طبقي ۽ شهري وچين طبقي کي گڏجي سرمائيداري انقلاب جي تياري ڪرڻ گهرجي. روس ۾ موجود جاگيرداري نظام ۽ پسماندگي ان جي اهل ڪونهي ته اتي سوشلسٽ انقلاب جي تياري ٿي سگهي ۽ جيڪڏهن ائين ٿيو به ته ان کي 1871ع جي پئرس ڪميون وانگر اڻٽر طور ناڪامي ڏسڻي پوندي. مارڪسزم روس ۾ ان وقت ابتدائي تعارفي سطح تي هو ۽ ان ڪري مارڪسزم تي تخليقي انداز ۾ ماهر اڃا پيدا نه ٿيا هئا. روس ۾ مارڪسي علم جرمني جي ڪميونسٽن جي راين تحت وڌي ويجهي رهيو هو. اُن وقت جو مارڪسزم ڪارل مارڪس ۽ فريڊرڪ اينگلس جي لکڻين جي تابع هو ۽ جيڪڏهن ڪنهن ڪتاب ۾ سندن قولن سان ڪنهن مسئلي جي تصديق نه ٿيل هوندي هئي ته ان کي مارڪسي لکڻي نه سمجهيو ويندو هو. چاڪاڻ ته ڪميونسٽ فڪر ۾ مارڪس ۽ اينگلس اُهي استاد هئا، جن جي فڪر کي سکڻ کان سواءِ سوشلسٽ تحريڪ جي واڌ ويجهه به نه پئي ٿي سگهي.

جيئن ته مارڪس ۽ اينگلس جرمني جا هئا ۽ سندن گهڻيون لکڻيون جرمن ٻوليءَ ۾ هيون، ان ڪري جرمن مارڪسي ئي اُهي دانشور هئا، جن عالمي ڪميونسٽ تحريڪ کي طئي ڪيو پئي. پر تاريخ جي عجب موڙ اولهه يورپ جي سامراجي ڪردار کان پوءِ اولهه ۽ اوڀر جي مارڪسزم ۾ هڪ وڏي اختلافي مسئلي کي جنم ڏنو. اوڀر جي

مارڪسين مارڪس ۽ اينگلس جي لکڻين جو مطالعو ڪندي دنيا جي ڪميونسٽ تحريڪ کي ۽ صورتحال کي سمجهڻ جو هڪ نئون رخ ڏنو. نتيجي طور هنن ثابت ڪيو تہ ﭘﭩتي پيل ملڪن ۾ پڻ سوشلسٽ انقلاب ممڪن آهي.

مارڪس ۽ اينگلس عالمي انساني تاريخ جي مطالعي جي دوران ڪيترا ئي نتيجا اخذ ڪيا هئا، جن جي واڌ ويجهہ هو پاڻ نہ ڪري سگهيا. سندن فلسفي تاريخي ماديت ۾ انساني تاريخ جي سمجهاڻي خود انساني تاريخ ثابت ڪري رهي هئي ۽ آهي. پر ڪيترن ئي جزوي مسئلن تي هنن وٽ ايترو وقت نہ هو جو ٻين معاملن کي سلجهائي سگهجي. مثال طور: مارڪس اينگلس کي پنهنجي هڪ خط ۾ لکي ٿو تہ اسان اڳ ائين پئي سمجهيو تہ انگلينڊ جو سوشلسٽ انقلاب آئرلينڊ جي قومي آزادي جو ضامن آهي، پر اسين غلطي ڪري رهيا هئاسين. حقيقت ۾ آئر لينڊ جي قومي آزادي انگلينڊ ۾ سوشلسٽ تحريڪ کي تيز ڪندي.

منهنجي هن مثال ڏيڻ جو مقصد اهو ثابت ڪرڻ آهي تہ مارڪس ۽ اينگلس پنهنجي دور جي پيداوار هئا ۽ اهي ڪيترن ئي مسئلن کي سرشتي وار سمجهائي نہ سگهيا. مثال طور: تاريخي ماديت جو علم سرشتي وار مارڪس ۽ اينگلس ترتيب نہ ڏئي سگهيا ۽ انهن جي لکڻين ۾ تاريخي ماديت مختلف حوالن سان سمجهايل آهي ۽ اهو ڪم 1985ع ۾ ماسڪو يونيورسٽيءَ جي پروفيسر وازيولن "تاريخ جو منطق" نالي ڪتاب ۾ سرانجام ڏنو آهي. بدقسمتي سان اجا اهو ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو نہ ٿي سگهيو آهي.

ڪارل مارڪس پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "سرمايو" جي مهاڳ ۾ لکيو آهي تہ يورپي سرمايداري نظام جي تنقيد جرمني جي ﭘﭩتي پيل سماج ۾ پورهيت طبقي جي نقطي نگاهہ کان ئي ٿي سگهي ٿي، ڇاڪاڻ تہ فرانس ۽ انگلينڊ جي ڀيٽ ۾ جرمني جي ﭘﭩتي پيل هجڻ سبب اُتي سرمايداري نظام جون سڀ برايون پنهنجو اظهار ڪري رهيون آهن. اهوئي اهو خيال هو جنهن تي اوير جي مارڪسين پنهنجي سماج تي ان انداز ۾ سوچڻ شروع ڪيو. مثال طور پاڪستان

۾ پنجاب اندر وڏيڪ صنعتي ترقي هجڻ ڪري پاڪستان جون برايون پنهنجو اظهار بلوچستان، سنڌ ۽ سرائيڪي خطي ۾ ڪري رهيون آهن ۽ انهيءَ ڪري اسان بار بار چوندا رهيا آهيون تہ پاڪستاني رياستي ڍانچي جي تنقيد بلوچستان، سنڌ، پختون خواهہ ۽ سيرائيڪي خطو آهن.

عام طرح مارڪس ۽ اينگلس جي ان خيال تي گهڻو زور ڏنو ويو آهي تہ اولهہ يورپ جي ترقي يافتہ علائقن ۾ ئي سوشلسٽ انقلاب ممڪن آهي، پر مارڪس ۽ اينگلس پنهنجين لکڻين ۾ معاملن کي ٻئي نوع سان بہ سمجهائيندا رهيا آهن. خاص طرح مارڪس جو خيال هو تہ انگلينڊ ۽ فرانس جي ڀيٽ ۾ جرمني جو ﭘﭩتي پيل هجڻ ان کي سوشلسٽ انقلاب جي راهہ ڏانهن وٺي وڃي سگهي ٿو، پر مارڪس ۽ اينگلس ان انقلابي تحريڪ سان مشروط ڪيو آهي تہ ﭘﭩتي پيل ملڪن ۾ ڪميونسٽ تحريڪ کي سرمائيداري دور جي مثبت پهلوئن کي پنهنجو ڪرڻو پوندو. مارڪس ان سلسلي ۾ "مستقل انقلاب" جي اصطلاح کي استعمال ڪيو. مارڪس ۽ اينگلس انهيءَ فڪري ڌارا جي سرشتي وار ترتيب نہ ڪري سگهيا ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ هنن ٻيٺڪيتي ملڪن ۾ اڀرندڙ نئين سرمايداريءَ جي سياسي تحريڪ جي حمايت پئي ڪئي آهي. مثال طور: هندستان تي انگريزن جي قبضي کي مارڪس ۽ اينگلس ٻن طريقن سان بيان ڪيو. هڪ پاسي هنن انگريز سرمائيداري نظام جي اثرن کي ترقي پسند قرار ڏيندي ان خيال جو اظهار ڪيو تہ يورپي سرمائيداري هندستان جي سماج کي تبديل ڪري جديد صنعتي ترقي طرف وٺي وڃڻ جا امڪان رکي ٿي، پر ٻئي پاسي، ساڳئي وقت هندستان جي اڀرندڙ قومي آزاديءَ جي تحريڪ جا وڏا پرچارڪ ۽ حامي هئا. هن سڄي بحث مان مقصد اهو آهي تہ مارڪس ۽ اينگلس ڪيترن ئي مسئلن کي ترتيب واري نبيري نہ سگهيا، پر انهن جون لکڻيون جديد عالمي ڪميونسٽ تحريڪ لاءِ رهنمائي ۽ سکيا جو ماخذ هيون.

اولهہ يورپ جي ڪميونسٽن ٻيٺڪيتي ملڪن جي ڪميونسٽ تحريڪ هلائڻ جي حمايت نہ ڪئي، ۽ هنن جو خيال هو تہ

سرمايداريءَ کان سيني اڳوڻن سماجن کي لازمي طرح سرمائيداري دور مان گذرڻو پوندو ۽ بدقسمتي سان هنن ڪنهن حد تائين سڄي عالمي سامراجي راڄ جي حمايت ڪري ڇڏي. پر حقيقت اها هئي ته بينڪيتي ۽ سرمائيداري کان اڳوڻن سماجن کي يورپي سرمايداريءَ رڳو پنهنجن مفادن تحت ئي تبديل ڪيو ۽ گهٽي حد تائين پراڻن نظامن جي تبديليءَ جو عمل روڪيندي رهي. مثال طور، سنڌ ۾ موجود هاڻوڪي وڏي جاگيرداري انگريزن جي راڄ جي نتيجي ۾ پيدا ٿي ۽ سکر بئراج جي جوڙجڪ کان پوءِ باقاعدگيِ سان وڏيرن کي زمينون ورهائي ڏنيون ويون.

اوڀر ۾ مارڪسزم جي تعارف سان مارڪس جي فڪر ۾ موجود انهن ٻن مختلف ڌارائن تي سوچ ويچار جو عمل شروع ٿيو ۽ خاص طرح روس ۾ انهن ٻن ڌارائن منشويڪن ۽ بالشويڪن جي روپ ۾ پنهنجو اظهار ڪيو. منشويڪن جو سڄو ڪردار اهو هو ته روس کي سرمايداري نظام جي دور مان گذاريو وڃي ۽ بالشويڪن جي خيال موجب سرمايداري سماج پراڻي زار شاهي جي نظام سان ٺاهه جي نتيجي طور سماج کي بدلائڻ کان نااهل آهي. تاريخ ۾ اهي ٻئي ڌارائون جزوي طرح صحيح هيون ۽ آهن. تاريخ ڪيترن ئي تضادن جو مجموعو آهي. مقصد ته منشويڪن جي اها ڳالهه صحيح هئي ته روس سرمائيداري دور مان نه گذريو آهي. تنهن ڪري روس ۾ پڪي پختي سوشلزم جي تعمير ناممڪن آهي. پر ساڳئي وقت بالشويڪن جي اها راءِ به حقيقت جي ويجهو آهي ته يورپ جي آيل سامراجي سرمائيداريت ۽ اُن جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل روسي سرمائيدار سماج جي انقلابي ڪايا پلٽ نٿا ڪري سگهن. ان ڪري اهو پورهيت طبقي جو فرض آهي ته سوشلسٽ سماج جي تعمير جي عمل دوران سرمايداري دور جي مثبت پاسن کي ترقي ڏيندو رهجي.

ان سڄي مارڪسي فڪري بحث دوران لينن اهو پهريون شخص هو جنهن اولهه جي سرمايداريءَ جي سامراجيت جي تبديليءَ جي عمل کي اولهه جي ڪميونسٽ تحريڪ جي ناڪامي جو سبب ڄاڻايو. هن جي خيال موجب سامراجيت جي دور ۾ يورپي سرمايداري بينڪيتن

جي ڦرلٽ ڪري يورپ جي پورهيت طبقي کي مراعت يافته بڻائي ڇڏيو آهي. ان ڪري لينن پنهنجي سڄي فڪري تحريڪ جو رخ اوڀر ڏانهن ڪيو.

ليون ٽراٽسڪي جي فڪري ڌارا لينن کان الڳ ۽ ڌار نموني ارتقا ڪئي. ٽراٽسڪي بالشويڪ پارٽي جو ميمبر پڻ آڪٽوبر انقلاب جي ويجهڙائي واري دؤر ۾ ٿيو. ليون ٽراٽسڪي پڻ لينن جي ان خيال سان متفق هو ته هڪ پٺتي پيل ملڪ ۾ جتي سرمائيداري لازمي طور پنهنجو ڪردار ادا نٿي ڪري سگهي، سوشلسٽ سماج جي اڏاوت ممڪن آهي. ٽراٽسڪيءَ پنهنجي ڪتاب ”مستقل انقلاب“ ۾ اهڙن ئي ويچارن جو اظهار ڪيو آهي، پر لينن ۽ ٽراٽسڪي جي فڪري انداز ۾ هڪ وڏو فرق موجود هو. لينن جي خيال موجب عالمي سامراجي راڄ ۾ موجود بينڪيتن ۾ موجود قومي تحريڪن جو انقلابي عمل عالمي سرمائيداري نظام جي ڪُک ۾ خنجر طور ثابت ٿيندو. ٻين لفظن ۾ خود اولهه يورپ ۾ سوشلسٽ انقلاب تڏهن ئي اُڀري سگهي ٿو، جڏهن اوڀر جا ملڪ يورپي سرمائيداري نظام کان آزاد ٿين، ۽ انهن ۾ سوشلسٽ انقلاب برپا ٿئي. جڏهن ته ليون ٽراٽسڪي پٺتي پيل ملڪن جي سوشلسٽ انقلابن تي ڪيترا ئي شڪ ۽ شبها رکي پيو. ٻي معنيٰ ۾ هن وٽ پٺتي پيل ملڪن جو سوشلزم اولهه يورپي ملڪن جي سوشلسٽ انقلاب ڪانسواءِ اڻٽر طور ناڪامي ڏسندو. انهيءَ ڪري گهڻا ٽراٽسڪيءَ جا پوئلڳ اڄ به يورپ ۾ ئي واڌ ويجهه ڪن ٿا. دراصل ليون ٽراٽسڪي اولهه يورپي مارڪسزم ۽ اوڀر جي مارڪسزم جي وچ ۾ ٻڌتر جو شڪار رهيو. انهيءَ حقيقت جو اظهار 1917ع جي آڪٽوبر انقلاب کان پوءِ بريسٽ لتووسڪ علائقي جي تڪرار ۾ اظهارجي ٿو. لينن جو خيال هو ته جرمني سان عارضي صلح نامو ڪندي روسي انقلاب کي بچائڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته روسي فوجون ٿڪل آهن ۽ اهي ويڙهه جي قابل نه آهن، جڏهن ته ٽراٽسڪيءَ جو خيال هو ته بالشويڪن کي جرمني تي فوجي حملو ڪري اتي فوجي ڪاهه وسيلي سوشلسٽ انقلاب برپا ڪرڻ گهرجي. مطلب ته ليون ٽراٽسڪي اوڀر جي قومي آزاديءَ جي تحريڪن تي اعتماد گهٽ ٿي ڪيو.

تاريخ جي وهڪري بالشويڪن جي نقطي نگاهہ جي ثابتي ڪئي ۽ جڏهن روس ۾ سرمائيداري جي نمائنده ڪرينسڪيءَ جي حڪومت قائم ٿي تہ ان حڪومت پراڻي سماجي رشتن جي تبديلي واري عمل ڪان نابري واري ۽ ان جي نتيجي طور لينن جي قيادت ۾ بالشويڪ اُها سگهہ ٿي اُڀريا، جيڪا روس کي سوشلسٽ رياست جي جوڙجڪ طرف وٺي وئي.

لينن ۽ ٽراٽسڪيءَ جي وچ ۾ "پارٽيءَ" جي باري ۾ فرق

اسٽالن ۽ ٽراٽسڪيءَ جي تڪرار کي چڱيءَ ريت سمجهڻ لاءِ اهو لازمي آهي تہ لينن ۽ ٽراٽسڪيءَ جي پارٽيءَ جي باري ۾ موجود نظرياتي فرق کي سمجهيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ ڪن ليکڪن موجب، اسٽالن جو دور لينن جي سياسي طريقي ڪار جو تسلسل آهي ۽ ليون ٽراٽسڪي پنهنجين لکڻين ۾ ان پهلوءَ تي نظر وجهڻ ڪان شعوري طرح لنوائي ٿو. ٽراٽسڪيءَ جي ان پهلوءَ ڪان لنوائڻ جو سبب ان حقيقت ۾ پنهان آهي تہ ٽراٽسڪيءَ جي سوويت يونين مان جلاوطنيءَ ڪان پوءِ هن جو سمورو عرصو اسٽالن جي سياست تي تنقيد تي ٻڌل هو ۽ جيڪڏهن هو پنهنجين پراڻين لکڻين ۾ موجود لينن تي تنقيد کي دهرائي ها تہ نتيجي ۾ سندس سموري سياست بي معنيٰ بنجي پوي ها!

اسٽالن جو سياسي دور مثبت هو يا منفي؟ ان پهلوءَ تي نظر وجهڻ ڪان اڳ اهو چڱيءَ ريت سمجهڻ گهرجي تہ اسٽالن ليننِي سياست جو نتيجو هو ۽ جيڪڏهن لينن جو سياسي پارٽيءَ جي باري ۾ نقطي نگاهہ درست هو تہ پوءِ لازمي طرح ٽراٽسڪيءَ جي سمجهڻ جو انداز ڪيترن ئي پهلوئن ڪان هڪ پاسائون ۽ غير جدلي هو.

لينن دراصل سرمايي داري نظام جي سامراجي دور جي پيداوار آهي ۽ خاص طرح لينن جي سياست کي سمجهڻ لاءِ اُن دؤر جي اولهہ جي مارڪسين جي ٻي انٽرنيشنل سان لينن جي نظرياتي ويڙهہ جي پروڙ لازمي آهي. دراصل ليون ٽراٽسڪيءَ جو 1917ع جي آڪٽوبر انقلاب ڪان اڳ پارٽيءَ جي باري ۾ نقطي نگاهہ ٻي انٽرنيشنل وارو ئي هو.

ٻي انٽرنيشنل جي اهم مفڪرن ڪائوتسڪي، برنشٽائين ۽

پليخانوف مارڪس جي ڪميونسٽ پڌرنامي ۾ موجود ان خيال ڪان گهڻا متاثر نظر اچن ٿا تہ پورهيت طبقي جي آزادي پورهيتن جو ئي ڪم آهي ۽ ان خيال جي اثر هيٺ ئي هنن مفڪرن جو سمورو ڌيان پورهيتن جي ٽريڊ يونين سياست تي ئي ٻڌل هو. ٻي انٽرنيشنل جا مارڪسي عالم الڳ سياسي پارٽي جوڙي پورهيتن جي سياسي رهنمائي جي حق ۾ نہ هئا. مطلب تہ هنن جي خيال موجب، پورهيتن جي اقتصادي لڙائي ئي طبقاتي جدوجهد آهي. ان نقطي نظر موجب، پورهيت طبقي جي خودرو (Spontaneous) احتجاجي تحريڪ ئي دراصل انقلاب ڏانهن وڃي ٿي، ۽ اسين مارڪسي انقلابي ان تحريڪ جا رڳو مددگار حصا هجون ٿا.

اهو نقطي نظر اڄوڪن ٽراٽسڪائين جي لکڻين ۾ پڻ واضح طرح نظر اچي ٿو. ايلن ووڊز، ٽيڊ گرانٽ ۽ انهن جا هتي موجود ساٿي لال خان ۽ منظور احمد ڏار ڏار ملڪن ۾ موجود پورهيتن جي اڀرندڙ سياسي احتجاجن جي ڳٽپ ڪري انهن ملڪن ۾ انقلاب جي اُڀرڻ جون اڳڪٿيون ڪندا رهندا آهن، ڇاڪاڻ تہ هنن جي نظرياتي سوچڻ جي انداز ۾ پورهيتن جي سياسي پارٽين جي اهميت گهٽ، پر پورهيتن جي خود رُو تحريڪن جي اهميت ڪجهہ وڌيڪ آهي. ان ڪري ئي لال خان پاڪستان ۾ هر پنجين سال انقلاب جي اڳڪٿي ڪندو رهندو آهي، ۽ هر پنجين سال هي دوست پنهنجن تجزين ۾ موضوعي قوت (Subjective Force) جي عدم موجودگيءَ ۽ پيپلز پارٽيءَ جي غدارين تي روئيندا رهندا آهن.

تاريخ جو انقلابي عمل موضوع (Subject) ۽ معروض (Obect) جي هيڪڙائي هجي ٿو ۽ لينن جي خيال ۾ انقلابي عمل رڳو معروضي حالتن جي تجزين جي بنياد تي نٿو اُسري سگهي. ٻين لفظن ۾، انقلابي عمل جي ڦهلاءِ لاءِ معروضي حالتن سان گڏ موضوعي قوتن جي تياري پڻ اهم حيثيت رکي ٿي.

مثال طور: سنڌ ۾ اڄ ڪالاباغ ڊيم جي خلاف ڪيترا ئي احتجاج جنم وٺي رهيا آهن، پر هڪ انقلابي سياسي قوت جي قيادت ڪان سواءِ اهي احتجاج سنڌي سماج جي سياسي تقدير بدلائڻ جي اهل نہ ٿا ٿي سگهن.

ان سلسلي ۾ لينن ۽ ٽراٽسڪيءَ جي وچ ۾ انقلاب کان پوءِ ٽريڊ يونين جي ڍانچي تي موجود بحث ڪافي اهميت جوڳو آهي.

سوويت انقلاب کان پوءِ لينن جو خيال هو ته پرولتاري آمريت جي دور ۾ ٽريڊ يونين جو بنيادي ڪردار ڪميونزم جي اسڪول جو آهي. ان جي ابتڙ ليون ٽراٽسڪي جي خيال کان ٽريڊ يونين پيداوار تي ضابطي رکڻ جو انتظامي ٽيڪنيڪي ادارو آهي. ٽريڊ يونين جي ڪردار تي ان بحث جي دوران لينن ۽ ليون ٽراٽسڪي جي وچ ۾ فرق واضح ٿي پوي ٿو. ولاديمير لينن پورهيت طبقي جي اقتصادي عمل کان وڌيڪ ٽريڊ يونين کي هڪ غير طبقاتي سماج جي جوڙجڪ جو ادارو سمجهي ٿو ۽ ٻين لفظن ۾، ڪامريڊ لينن ٽريڊ يونين جي ذريعي پورهيت طبقي کي مارڪسي علم ۽ ڪميونزم جي تعمير کان آگاهه ڪرڻ چاهيو ٿي، پر ليون ٽراٽسڪي اقتصادي نقطي نظر (Economism) جو حامي نظر اچي ٿو. ليون ٽراٽسڪي نظريي جي اهميت جو ايترو قائل نه هو پر هو ان خيال جو هو ته پورهيت طبقا پاڻ اقتصادي طرح ڪميونزم جي علم کي سمجهڻ کان سواءِ سوشلزم جي تعمير ڪندا.

ڪامريڊ ولاديمير لينن ٻي انٽرنيشنل جي عالمن سان نظرياتي ويڙهه ۾ ڪميونسٽ پارٽين جي هڪ نئين تصور جو خالق بڻيو. ٻين لفظن ۾، ڪامريڊ لينن سوشلسٽ انقلاب جي فرض کي پورهيت طبقي جي سياسي پارٽين جي فرض ۾ بدلائي ڇڏيو ۽ لينن پورهيت طبقي جي ڪميونسٽ پارٽيءَ کي پورهيتن جي نظرياتي دفاع جو ادارو سڏيو.

لينن جي پارٽيءَ جي تصور موجب، پارٽيءَ جي اڳواٽي نظرياتي ڪاميٽيءَ جي تابع هجي. لينن جي ان مان مراد اها هئي ته پورهيت طبقي جي اقتصادي طرح ڇڙ وڇڙ جدوجهد صرف نظريي ۾ ئي هيڪڙائي اختيار ڪري ٿو. لينن رڳو نظريي جي مرڪزيت جو حامي نه هو پر ساڳئي وقت نظريي جي مرڪزي حيثيت جي تابع پارٽيءَ جي مرڪزي ڪاميٽي پورهيت طبقي جي ڌار ڌار جدوجهدن کي غير مرڪزي حيثيت ۾ به قائم رکي. لينن پارٽيءَ کي سياسي طاقت جي مرڪزيت ۽ غير مرڪزيت جي هيڪڙائي سمجهيو ٿي. مطلب ته پارٽيءَ جي رسالي جي ذريعي نظرياتي جدوجهد کي جاري رکيو وڃي ۽

عملي جدوجهد جي سلسلي ۾ غير مرڪزي طريقي ڪار اختيار ڪيو وڃي. ان کي ئي لينن دراصل جمهوري مرڪزيت سڏي ٿو.

مارڪسزم جي ارتقا جي سلسلي ۾ اهو هڪ معياري ڏاڪو هو ڇاڪاڻ ته ان طريقي ڪار ۾ اڳواٽيءَ واري حيثيت پورهيت طبقي کي نه، پر پورهيت فڪر کي هئي. ٻين لفظن ۾، بنيادي اڳواٽيءَ واري حيثيت مارڪسزم کي هئي. آخر لينن ان نتيجي تي ڪيئن پهتو؟

مارڪس ۽ اينگلس جي مطالعي ڪرڻ جي دوران لينن جي آڏو اهو هڪ بنيادي سوال هو ته مارڪسزم جي فڪر جي جنم جا بنيادي ڪارڻ ڪهڙا آهن. ۽ لينن اُهو پهريون شخص هو جنهن خود مارڪسي نظريي جي ارتقا جي ڏاڪن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي. لينن پنهنجي ان مطالعي جي عمل ۾ اينگلس جي ان خيال سان متفق نه ٿيو ته مارڪسي فلسفو هڪ پاسي سرمائيداري نظام ۾ پيدا ٿيندڙ پرولتاري تحريڪ جي پيداوار هو پر ٻئي پاسي ماڪسزم فرينچ سوشلسٽ سياسي مفڪرن، انگريز سياسي اقتصاديات ۽ جرمن جدلي فلسفي جو پڻ نتيجو هو. ان سچي حقيقت جي ڇيد ڪرڻ کان پوءِ لينن ان خيال تي پهتو ته سائنسي علم پرولتاري طبقي جي پيداوار نه آهي. مارڪسزم ڪُل انساني تاريخ ۾ موجود علم جو پڻ نتيجو آهي. ٻين لفظن ۾، مارڪسزم جو علم ڪميونسٽ سياسي تحريڪ ۽ سائنس جي هيڪڙائي آهي.

مارڪسزم جي فلسفي جي جنم کان پوءِ پورهيتن کي پنهنجن طبقاتي مقصدن جو شعور حاصل ٿيو. نظريي کان سواءِ پورهيت طبقو ڇڙ وڇڙ ۽ الڳ الڳ اقتصادي مفادن جي ئي لڙائي لڙندو رهي ٿو. ان ڪري لينن جي خيال ۾ پورهيت طبقي کان پورهيتن جي نظرياتي علم جي اهميت وڌيڪ آهي. پورهيت طبقو دراصل پنهنجي ليکي پاڻ غير طبقاتي سماج جي اڏاوت نٿو ڪري، جيستائين هُن کي ڪُل انساني تاريخ ۽ ڪميونسٽ سماج جي اڏاوت جو شعور نه آهي.

پورهيت طبقي جي اقتصادي لڙائيءَ مان سياسي لڙائي ۾ تبديلي جو عمل هڪ تاريخي سلسلو آهي. مارڪسزم جي جنم کان اڳ پورهيت طبقي جي اقتصادي لڙائيءَ ٻين طبقن جي سياسي پارٽين سان

سلهاڙيل هئي. جرمنيءَ ۾ فريڊرڪ لاسال اهو پهريون شخص هو جنهن پورهيت طبقي جي اقتصادي لڙائي کي هڪ سياسي قوت ۾ تبديل ڪيو. مارڪسزم جي فڪر ان سياسي تبديليءَ جي عمل کي آزاد پورهيت پارٽين جي نهڻ جي عمل طرف وڌايو ۽ خاص طرح لينن جي ئي دور ۾ ۽ سوويت انقلاب کان پوءِ ڌار ڌار ملڪن ۾ آزاد ڪميونسٽ پارٽين جو جنم ٿيو ۽ اهڙيءَ طرح مارڪسزم الڳ الڳ سماجن ۾ هڪ سياسي قوت ٿي اُڀريو.

لينن وٽ پارٽي ڪارڪن جو تصور هڪ پيشه ور انقلابيءَ جو هو. لينن جي پيشه ور انقلابيءَ مان مراد اها هئي ته اهڙو فرد جيڪو مارڪسزم جي علم سان هٿياربند هجي ۽ سياسي سماجي جدوجهدن جي ڪنهن هڪ خاص دائري ۾ مهارت رکندو هجي. ٻين لفظن ۾، لينن جي پارٽي سماجي سائنسدانن جو منظم گروهه آهي.

ليون ٽراٽسڪيءَ وٽ سياسي پارٽي جو تصور بلڪل الڳ ۽ ڌار هو. ليون ٽراٽسڪي ٻي انٽرنيشنل جي سياسي تنظيمي ڍانچي ۾ ئي سرگرم هو. ليون ٽراٽسڪي بالشويڪ پارٽيءَ جو باقاعدگي سان ميمبر 1917ع جي انقلاب واري عرصي دوران ٿيو. ان کان اڳ ڪڏهن هو منشويڪن سان، ته ڪڏهن آزاد گروهه جي صورت ۾ سياسي عمل ۾ سرگرم رهيو.

ليون ٽراٽسڪي انقلاب کان اڳ لينن جي بالشويڪ پارٽيءَ تي سخت تنقيدي رهيو ۽ بالشويڪ پارٽيءَ کي هڪ آمريتي پارٽي سمجهندو هو. سندس پنهنجن لفظن ۾: ”پارٽي تنظيم اهڙي ڍانچي ۾ پاڻ کي ڪُل پارٽيءَ جو متبادل بنائي ڇڏيندي، تنهن کان پوءِ مرڪزي ڪاميٽي تنظيم جي جاءِ والاريندي ۽ آخر ۾ هڪ آمر مرڪزي ڪاميٽي جو متبادل ٿي پوندو.“ ان وقت هو روس جهڙي پٺتي پيل ملڪ ۽ سامراجيت جي موجودگيءَ ۾ لينن جي پارٽي ڍانچي ۾ نظريي جي مرڪزي اهميت سمجهڻ کان نااهل هو.

حيرت جهڙي ڳالهه آهي ته ساڳيو ئي ليون ٽراٽسڪي جيڪو انقلاب کان اڳ لينن کي آمر ڪوٺيندو هو سو 1917ع ۾ لينن جي پارٽي ۾ شامل ٿيو ۽ انهيءَ ساڳيءَ آمريتي پارٽيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ 1917ع

جي سوشلسٽ انقلاب جو هڪ اهم اڳواڻ ٿي اڀريو. جيڪڏهن سائنسي نقطي نگاهه کان لينن جي پارٽي تي اڄ سوچ ويچار ڪيو وڃي ته لينن جو پارٽي ڍانچو لينن جي دور جي سماجي حالتن جي پيداوار هو ۽ لينن ۽ ان جي فڪر کي سماجي حالتن کان ڪٽي، ڌار ڪري ڏسڻ انتهائي غلط طريقي ڪار آهي. لينن جي پارٽيءَ جو تصور ڪائناتي هو ۽ ان جو ڍانچو روس جي مخصوص حالتن پٽاندڙ هو.

جيئن اسين پوئين ڀاڱي ۾ چئي آيا آهيون ته روس هڪ پٺتي پيل ملڪ هو ۽ اتي موجود سرمائيداري زار شاهيءَ سان ڳاهه ۾ هئي، ان ڪري روس جهڙي ملڪ ۾ سخت مرڪزي ڍانچي کان سواءِ هڪ سياسي انقلاب ممڪن ئي نه هو. روس ۾ ان وقت زار شاهي جي سخت آمريت هئي ۽ بورجوا سياسي ڌريون ان جي آڏو گوڏا ڪوڙيو ويٺيون هيون. هڪ ٻي حقيقت جيڪا روس جي سلسلي ۾ تمام گهڻي اهميت رکي ٿي، سا اها آهي ته روس ان وقت هڪ قومي رياست نه، پر ڪيترن ئي قومن جو قيد خانو هو. روس جي اندر هڪڙيون قومون تمام گهڻو پٺتي پيل هيون ۽ ٻيون قومون گهٽيون اسريل هيون ۽ انهن اسريل خطن ۾ پڻ هڪڙا علائقا وڌيڪ ترقي يافته هئا ۽ ٻيا پٺتي پيل هئا. روسي سماج سرمائيداري نظام جا مثبت پاسا پڻ نه قبوليا هئا. روس ۾ صنعت ڪاري پڻ 1917ع جي انقلاب کان پوءِ ٿي آهي. انهن سڀني حقيقتن کي جيڪڏهن نظر ۾ رکجي ته اها حقيقت واضح ٿي پوندي ته روس جهڙي غير متوازي اقتصادي اوسر واريءَ حالت ۾ هڪ مرڪزي سرشتي بنا سوشلسٽ رياست جي تعمير ممڪن ئي نه هئي.

اولهه يورپ ۾ خود سرمائيداري نظام جي ارتقا ڪيترن ئي تضادن جي نتيجي ۾ ٿي. هر نئون نظام پراڻي نظام جي جاءِ والارڻ وقت ڪيترن ئي آمريتي دورن مان گذري ٿو. جڏهن جاگيرداري دور جو جنم ٿيو پئي ته ارد گرد موجود پراڻا قبيلا جاگيرداري بادشاهي نظام تي حملہ آور ٿي، انهن کي تباهه ڪري ڇڏيندا هئا. ان ڪري اڄوڪي سرمائيداري جمهوريت جو جنم پڻ ڪيترين ئي غير جمهوري حڪمت عملين جو نتيجو آهي. اها ڳالهه ته سمجهه ۾ اچي ٿي ته آمريڪي سامراج جي جمهوريت عراقي عوام لاءِ هڪ آمريتي ڪردار رکي ٿي.

ليون ٽراٽسڪيءَ سوشلسٽ جمهوريت جي نفاذ کي خيالي انداز ۾ ڏسي ٿو ۽ هو تاريخ جي عبوري مرحلن کان انڪاري ٿي وڃي ٿو. ڪارل مارڪس هڪ هنڌ لکيو آهي تہ پرولتاري طبقو جڏهن سوشلسٽ انقلاب ڪندو تہ ان کي لازمي طرح ڪميونسٽ سماج جي جوڙجڪ لاءِ پرولتاري آمريت جي عبوري دور مان گذرڻو پوندو.

روس ۾ آمريتي اسٽالني اُپار کي آءُ مجموعي طور تاريخ جو مثبت دور سمجهان ٿو.

اسٽالن جي سياسي طاقت ۾ اچڻ جا سبب

1917ع جو روسي سوشلسٽ انقلاب انساني تاريخ ۾ پهرين اهڙي تبديل هئي، جنهن انسان ذات جي ماضيءَ جي سموري طبقاتي جوڙجڪ جي ڪايا پلٽ ڪرڻ گهري ٿي. هڪ سماجي نظام جي ٻئي سماجي نظامَ ۾ تبديليءَ جي لڙائي بہ اهم آهي، پر روس ۾ سوشلسٽ انقلاب انساني زندگيءَ ۾ سڀ کان اهميت وارو اِن ڪري بہ آهي، جو اِهو انقلاب هڪ غير طبقاتي سماج جي جوڙجڪ لاءِ هڪ عملي وک هو. انساني تاريخ ۾ روسي سوشلسٽ انقلاب کان اڳ جيڪي انقلابَ برپا ٿيا، سي سمورا پنهنجيءَ فطرت ۾ طبقاتي هئا.

جيڪڏهن سوويت يونين جي ستر سالہ سوشلسٽ معاشري کي سمجهڻ ۽ ان ۾ موجود سمورن سياسي دؤرن جي پرک لاءِ اِن مٿين حقيقت کي نظر ۾ نہ ٿو رکيو وڃي تہ اُها سماجي سائنس، جيڪا سوويت يونين جي معاشري جو ادراڪ ڪرڻ چاهي ٿي، سا ڪنهن بہ درست نتيجي تي نہ ٿي پهچي سگهي.

1917ع جو روسي سوشلسٽ انقلاب هڪ پاسي پهرين سامراجي مهاڀاري لڙائيءَ جو ۽ ٻئي پاسي بالشيوڪ تنظيم جي فڪري ۽ سياسي لڙائيءَ جو نتيجو آهي. بالشيوڪ پارٽيءَ جي اڳواڻ ڪامريڊ لينن جو خيال هو تہ روس عالمي سرمايداري نظام جي اُها ڪمزور ڪڙي آهي، جنهن کي ڇنجي پورهيت راڄ جي شروعات ڪري سگهجي ٿي. ان سان گڏوگڏ لينن پنهنجيءَ اِن راءِ ۾ بہ ڪافي درست هو تہ روس ۾ موجود سرمايدار طبقو ڪنهن بہ سماجي اُٿل پٿل جي اهل

نہ آهي. مطلب تہ روسي سرمائيدار نہ ئي زرعي سڌارا ڪري هارين کي نجات ڏئي سگهيو پئي، ۽ نہ ئي اهو روس ۾ مجموعي صنعتي ترقي ڪري سگهيو پئي. اَهڙين حالتن ۾ بالشيوڪ پارٽي اُها قوت ٿي اُڀري، جنهن سماج جي پورهيتن کي هارين سان ڳنڍيو ۽ انهن سمورن مسئلن کي مارڪسي انداز سان نبيريو جن کي ڪابہ ٻي سياسي قوت حل ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئي.

روس جو سوشلسٽ انقلاب انتهائي ڏکين حالتن ۾ برپا ٿيو ۽ هونئن بہ ڪوبہ انقلابي عمل سماج جي بحراني ڪيفيت جي ئي پيداوار هجي ٿو. بالشيوڪ پارٽيءَ کي انقلاب کان پوءِ بنيادي طرح ماضيءَ مان بہ ورثا مليا: هڪ طرف بالشيوڪن کي مارڪسزم جي فڪر ۽ يورپي پورهيت تحريڪ جو ورثو مليو ۽ ٻئي پاسي پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ تباهہ ٿيل، صنعتي طرح پٺتي پيل ۽ زرعي زندگيءَ تي ٻڌل روسي معاشرو هو.

جيڪڏهن لينن جي لکڻين جو مطالعو روس ۾ موجود مسئلن کي سمجهڻ جي خيال کان ڪجي تہ اِهو واضع ٿي ويندو تہ لينن مارڪسزم کي روسي معاشري تي هڪ تخليقي انداز ۾ لاڳو ڪيو ۽ روسي سماج ۾ اَهڙا ڪيترائي مسئلا هئا جيڪي مارڪس- اينگلس ۽ اولهہ يورپي مارڪسين جي آڏو موجود ئي نہ هئا. مطلب تہ لينن جون لکڻيون خود روس جي پيچيده حالتن جو عڪس آهن. مثال طور، لينن جي لکتن ۾ قومي مسئلو زرعي سوال، پٺتي پيل صنعت، پورهيت تحريڪ جي جوڙڪ ۽ زار شاهيءَ جي بادشاهت ۽ اَهڙا ٻيا سوالَ نمايان آهن. لينن اولهہ يورپي مارڪسزم کي جيئن جو تيئن روس تي مڙهيو نہ، پر هُن جدلي انداز سان پورهيت انقلابي فڪر جي تشريح ڪئي. ان حقيقت کي سمجهڻ اِن ڪري اهم آهي تہ انهن مان ڪيترائي مسئلا مڪمل طرح تہ نہ، پر ڪنهن حد تائين، اولهہ يورپي بورجوا معاشرا حل ڪري چڪا هئا. پر روس ۾ انهن ساڳين مسئلن جي حلَ نيون شڪليون ۽ صورتون اختيار ڪيون.

مطلب تہ روسي معاشري ۾ سوشلسٽ انقلاب کان پوءِ جيڪي حالتون بالشيوڪن آڏو هيون، سي هر لمحي ۽ هر گهڙيءَ مارڪسي

فڪر جي تخليقي تشريح جون گهرجائون هيون ۽ جيڪڏهن انقلاب جي موضوعي قوت، يعني بالشيوڪن اِنهيءَ طريقي ڪار جي تقاضا آڏو نہ پئي رکي تہ هنن جو اقتدار کي قائم رکڻ ڏکيو ٿي پوي ها. 1917ع جي انقلاب کان پوءِ تہ حالتون ويتر ابتر ٿينديون ويون. ڇاڪاڻ تہ مغربي طاقتن ۽ سماج اندر موجود جاگيردارن ۽ سرمايدارن جي نمائندن گڏجي انقلابي حڪومت جي مٿان جنگ مڙهي ڇڏي. بالشيوڪ لڳاتار ٽن سالن تائين اِن خانہ جنگيءَ کي منهن ڏيندا رهيا، ۽ سندن درست فوجي حڪمت عمليءَ سبب اڇن سپاهين تي سرخ فوج کي فتح حاصل ٿي.

اِنهن سخت ترين حالتن کي منهن ڏيڻ کان علاوه لينن ۽ پارٽيءَ آڏو سڀ کان اهم سوال هڪ غير طبقاتي معاشري جي جوڙجڪ جو هو. سوشلسٽ معاشري جي عملي جوڙجڪ جي حوالي سان ڪلاسيڪي مارڪسزم بلڪل خاموش هو ڇاڪاڻ تہ مارڪس- اينگلس سرمايداري نظام اندر رڳو اُهي رجحان واضح ڪيا هئا، جيڪي سرمايداريءَ کي سوشلزم طرف وٺي وڃن ٿا. عملي طرح سوشلزم جي اوڏات جي شروعات بالشيوڪن کي ڪرڻي هئي.

بالشيوڪ پارٽيءَ انقلاب جي ڪاميابيءَ لاءِ سخت ۽ ڏکين حالتن جي نتيجي ۾ طاقت کي مرڪزي صورت ڏيڻ شروع ڪئي ۽ هنن سخت حالتن کي سختيءَ سان منهن ڏنو. خانہ جنگيءَ جي صورتحال ۾ بالشيوڪَ ٻيو ڪري بہ ڇا ٿي سگهيا! سموري مغربي سرمايداري دنيا اِن نئين انقلاب کي ڄمندي ئي مارڻ چاهيو ٿي تہ جيئن دنيا جي ٻين پورهيتن لاءِ سوشلسٽ معاشري جو ڪوبہ عملي خاڪو موجود نہ هجي. سچ پڇ تہ 70 سالہ سوويت يونين کي سرمايدار دنيا سان موجود تضاد کان علاوه سمجهڻ بہ هڪ وڏي غلطي آهي ۽ ايڏي مخالفت جي باوجود سوويت يونين جي سوشلسٽ معاشري جو 70 سالہ وجود انساني تاريخ ۾ هڪ معجزي مثل آهي.

انقلاب کان اڳ ڪامريڊ لينن اقتدار جي منتقلي پورهيتن جي پنچائتن، يعني سوويتن کي ڏيڻ جي ڳالهہ ڪئي هئي، پر انقلاب کان پوءِ روسي معاشري ۾ پورهيتن جي گهٽ انگ ۽ پورهيتن جي سياسي ۽

نظرياتي طرح مارڪسزم سان هٿياربند نہ هجڻ ۽ صنعتي دؤر جي ابتدائي سوشلزم سبب اقتدار جي سنڀال پارٽيءَ جو ذمو ٿي پئي.

سوشلسٽ انقلاب کان اڳ مارڪس جي لکڻين ۾ اِهو ڄاڻايل هو تہ سرمايداريءَ کان سوشلزم طرف وڃڻ جو هڪ عبوري ڏاڪو پرولتاري آمريت هوندو، پر اُن جي عملي شڪل ڪهڙي ٿيندي اِن جي ڪابہ وضاحت مارڪس نہ ڪئي هئي. اِن ڪري مارڪسزم ۾ ”پرولتاري آمريت“ جو تصور گهڻو متضاد رهيو آهي. لينن اِن اصطلاح جي هڪ نئين نوع سان تشريح ڪئي ۽ روس ۾ اِن عبوري دؤر جي شڪل رياستي ۽ پارٽي آمريت جي صورت ۾ ظاهر ٿي. اِن نئين رياست پورهيت طبقي جي مفادن جي دفاع جو ڪم سرانجام ڏنو.

اسٽالن تي ٽراٽسڪي ۽ اُن جا ساٿاري اِهو الزام هڻن ٿا تہ هُنَ پورهيت طبقي جي سوويتن کان اقتدار ڇني عملدار شاهي جي حوالي ڪيو، پر اسين سمجهون ٿا تہ روس جهڙي پٺتي پيل معاشري ۾ ان وقت پورهيت طبقو بغير سائنسي فڪر ۽ ترقيءَ جي اقتدار کي قائم بہ نہ رکي سگهي ها! ان کان علاوه اِها بہ هڪ حقيقت آهي تہ سوويتن جو پارٽيءَ جي ماتحت ادارن ۾ بدلجڻ جو عمل لينن جي دؤر ۾ ئي شروع ٿي چڪو هو.

سوشلسٽ معاشري جو پهريون عملي خاڪو خانہ جنگيءَ سبب جنگي ڪميونزم هو جنهن ۾ سڄي روسي معاشري کي فوج ۾ موجود اقتصادي سرشتي تحت ترتيب ڏنو ويو. جنگي ڪميونزم جي حڪمت عمليءَ تحت طاقت جي وسيلي صنعتن ۽ زمينن کي رياستائڻ جي شروعات ٿي. اِن حڪمت عمليءَ انتهائي اُگرا نتيجا ڏنا، خاص طرح هارين شهرن ڏانهن اناج موڪلڻ بند ڪري ڇڏيو. اَهڙيءَ طرح پارٽيءَ اِن طريقي ڪار کان ڪناره ڪشي اختيار ڪئي ۽ پوءِ لينن نئين اقتصادي پاليسيءَ، يعني نيپ جو رستو اختيار ڪيو. اِن نظامَ تحت بالشيوڪن هارين کي ذاتي ملڪيت رکڻ جو حق ڏنو ۽ پڙهندڙن کي اِها ڳالهہ پليءَ پت ڄاڻڻ گهرجي تہ لينن نيپ کي سوشلزم لاءِ رياستي سرمايداريءَ جو هڪ عبوري دؤر سڏيو هو. ٽراٽسڪيءَ اِن نيپ جو بہ مخالف هو ۽ اسان جا اڄوڪا ٽراٽسڪائي روس ۾

سوشلسٽ معاشري جي موجودگيءَ جي ڪٿا ٻڌائيندا رهن ٿا، پر اِن تي قطعي طرح نہ ٿا ڳالهائين تہ جيڪڏهن روس ۾ سوشلسٽ انقلاب مڪمل طرح اچي ويو هو تہ پوءِ لينن نيپ ۾ عبوري طرح رياستي سرمايداريءَ جي نظامَ کي لاڳو ڇو ڪيو!؟

انهن سڀني حالتن کي بيان ڪرڻ جو مقصد اِهو آهي تہ انقلاب کان پوءِ بالشيوڪ پارٽيءَ لاءِ هڪ آمريتي سياسي نظام مجبوري هئي ۽ جيڪڏهن بالشيوڪ طاقت جي سماج ۾ ورڇ ڪن ها، يعني جمهوريت قائم ڪن ٿا تہ سندن وجود پڻ باقي نہ بچي ها!

روسي معاشري ۾ جنهن نوع جي سوشلزم جنم ورتو، سو بنيادي طرح ابتدائي نوعيت جو هو. ابتدائي طرح روس ۾ سوشلزم انتهائي ڪمزور ۽ نبل حالت ۾ جنم ورتو. جدلي ماديت جي نقطي نگاهہ کان ڪنهن نئين نظام جي جنم سان نئون هڪدم پنهنجين سمورين صفتن جو اظهار نہ آهي. نئين نَظام کي پنهنجي هر پهلوءَ ۽ انگَ کي نروار ڪرڻ ۾ موزون حالتون گهربل هونديون آهن ۽ اِنهيءَ عملَ کي هڪ وڏو عرصو لڳي وڃي ٿو. روس جهڙي پنتي پيل معاشري ۾ نہ رڳو پراڻي سرمايداري ۽ جاگيرداري معاشري جي باقيات موجود هئي، پر اِن سان گڏوگڏ روسي سوشلزم سموري سرمايداري سامراجي دنيا جي وچ ۾ جنم ورتو. اِن ڪري اَهڙي ابتدائي ڪمزور سوشلزم ۾ لازمي طرح طاقت جي مرڪزي صورت جنم ورتو. روس ۾ آمريتي سياسي نظام اِن ڪري بہ جنم ورتو جو اُتي مختلف علائقن ۾ موجود ترقيءَ جو فرق گهڻو وسيع هو. اَهڙي صورت ۾ اسان جي نظر ۾ سوويت سوشلزم پورهيت طبقي جي سوويتن کي اقتدار منتقل ڪري ئي نہ پئي سگهيو ۽ اُن جو بقاءُ اِن ۾ هو تہ طاقت رياست جي هٿن ۾ هجي.

اَهڙين ڏکين ۽ پيچيده حالتن ۾ ئي اسٽالن جي شخصيت ۽ اُن جي ڪردار جو جنم ٿيو. اسٽالن پنهنجي دؤر جي تاريخي حالتن جي پيداوار هو. انقلاب کان پوءِ اسٽالن ٽن بنيادي عهدن تي فائز هو ۽ سندس انهن عهدن سان نياءَ جوئي نتيجو هو جو هو سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سيڪريٽري ٿيو. پارٽيءَ جي مرڪزي پولٽ بيورو اسٽالن کي انهن عهدن تي ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏني هئي.

انهن مان اسٽالن وٽ هڪ عهدو پولٽ بيورو جي ميمبر جو هو ۽ باقي ٻہ عهدا روس ۾ قومن جي وزارت ۽ عملداري نظام جي نظرداريءَ جا هئا.

اُن وقت پارٽيءَ جو اهم نظرياتي اداري، يعني پولٽ بيورو جا ڪُل ست ميمبر هئا ۽ اُن جي اڳواڻي ڪامريڊ لينن ڪري رهيو هو. اِنهن ميمبرن ۾ اسٽالن، ٽراٽسڪي، زنوويف، بخارن، ڪامنيف، تامسڪي ۽ لينن شامل هئا. اِن پولٽ بيوو 3 اپريل 1922ع تي اسٽالن کي جنرل سيڪريٽريءَ جي عهدي لاءِ چونڊبن جي اجازت ڏني. اِها تجويز لينن جي قيادت ۾ طيءِ ٿي ۽ ان مهل ٽراٽسڪي اِن فيصلي جو حمايتي هو.

لينن جي زندگيءَ جي آخري ڏينهن دوران اسٽالن ۽ لينن جي وچ ۾ اختلاف پيدا ٿيا. اسٽالن ۽ لينن جي انهن تضادن تي ٽراٽسڪائي عالم اڄ گهڻو زور ڏين ٿا ۽ خاص طرح لينن جي مرڪزي ڪاميٽيءَ ڏانهن اُماڻيل اُن خط تي جنهن ۾ ڪامريڊ لينن اسٽالن طرفان طاقت جي درست استعمال جي پڪ نہ ٿو رکي ۽ اسٽالن کي جنرل سيڪريٽريءَ جي عهدي تان لاهڻ طرف ڌيان ڇڪائي ٿو. اِها ڳالهہ ٽراٽسڪائي دوست پليءَ پت ڄاڻندا هوندا تہ اُن وقت ليون ٽراٽسڪي اسٽالن جي شخصيت سان ڪنهن بہ تضاد ۾ نہ هو ۽ حيرت جي ڳالهہ تہ اِها آهي جو جڏهن مرڪزي ڪاميٽيءَ پارٽيءَ ۾ ڌڙابنديءَ کي روڪڻ لاءِ ڪامريڊ لينن جي اِن خط کي نہ ڇاپڻ جو فيصلو ڪيو ۽ خود ٽراٽسڪي اِن فيصلي ۾ شامل هو.

اسان اڳ ۾ اِهو چئي آيا آهيون تہ اسٽالني سياست لينن جي سياسي طريقي ڪار جو تسلسل آهي ۽ جڏهن لينن ۽ اسٽالن جي وچ ۾ تضادن ۽ اختلافن جو ذڪر اچي ٿو تہ اسان جي اِن راءِ تي شڪ جو اُڀرڻ لازمي آهي. ڇاڪاڻ تہ اڳ ڏنل بيان ۽ هاڻوڪي حقيقت ۾ ٽڪراءُ جنم وٺي ٿو. عام فهم سوچ جي انداز يا رسمي منطق جي نقطي نگاهہ کان شين جي ارتقا ۾ تضادن جو اپار ٿيندو ئي نہ آهي، ۽ تسلسل مان مراد بغير تضادن جي سڌي ليڪ واري اوسر آهي. پر معاملن کي جيڪڏهن جدلي انداز سان پرکبو تہ خود تسلسل ۾ عدم تسلسل موجود هجي ٿو ۽ جدلي سلسلو تضادن جي هيڪڙائيءَ ۽ ٽڪراءَ سبب ئي قائم ۽ دائم هجي ٿو. اسٽالن پارٽي صفائيءَ (Purges) جو طريقو

ٽراٽسڪي ۽ ٻين ڏرين لاءِ استعمال ڪيو ۽ دراصل پارٽيءَ اندر صفائي لينن جو سياسي طريقو هو. اسٽالن پارٽيءَ جي جنرل سيڪريٽريءَ طور طاقت جو نمائندو هو ۽ لينن جي پارٽيءَ ۾ جنرل سيڪريٽريءَ جو عهدو سڀ کان وڏيڪ سگهارو هو. بلڪل اسٽالن ۽ لينن جي وچ ۾ تضاد موجود هئا، پر اِهي بنيادي طرح شخصي نوعيت جا هئا، نہ ڪي فڪري سطح جا. شخصيت ۽ سياسي اداري جي بہ پنهنجي جدليات ٿئي ٿي. جيڪڏهن اڄ ضياءَ جي جاءِ تي هن رياست جو اڳواڻ مشرف آهي تہ اِن سان هن رياست جي بنيادي عوام دشمن ڪردار ۾ ڪوبہ بدلاءُ نہ آيو آهي ۽ جيڪڏهن غور ڪجي تہ ضياءَ ۽ مشرف جي سياسي حڪمت عملين ۾ ڪيترائي فرق پڻ موجود آهن. مارڪسي نقطي نگاهہ کان آمريت ۽ جمهوريت سياسي نظام جي ارتقا جا ٻہ روپ آهن ۽ هر طبقي جي سياسي ڌر پنهنجي طبقي جي مفادن لاءِ انهن ٻنهي طريقن کي استعمال ڪندي پئي رهي آهي، ۽ ٻنهي طريقن مان موزون طريقن جي چونڊ سماجي حالتن، خود سياسي ڌرَ جي صورتحال ۽ طبقن جي وچ ۾ لڙائيءَ تي آڌاريل هجي ٿي. سوويت يونين ۾ پورهيت طبقي جي سياسي پارٽيءَ خود رياستي شڪل اختيار ڪري سماج ۾ سوشلزم جي ترويج ڪئي.

لينن جي اسٽالن تي موجود تنقيد قومي سوال کي حل ڪرڻ جي سلسلي ۾ سخت حڪمت عمليءَ ۽ ڪامريڊن سان غير جمهوري رويي تي هئي. دراصل آڪٽوبر انقلاب کان اڳ ۽ پوءِ روس جي معاشري ۾ موجود بالشيوڪن ۾ انفرادي ۽ شخصي طرح لينن جي قد جيڏو ماڻهو ٻيو نہ هو. لينن جي شخصيت مطالعي ۽ سياسي حڪمت عمليءَ جي خيال کان ٻين سمورن پولٽ بيورو جي ميمبرن کان گهڻي سگهاري هئي. لينن جي بخارن جي باري ۾ تہ اِها راءِ هئي تہ هو جدليات جي الف ب کي بہ سمجهي ناهي سگهيو ۽ ٽراٽسڪيءَ سان موجود اختلافن جو ذڪر تہ اسان اڳ ۾ بہ ڪري چڪا آهيون. اِن ڪري پارٽيءَ جي قيادت جي خيال کان اِن شخصي فرق کي نظرانداز نہ ڪرڻ گهرجي. لينن جي بالشيوڪ پارٽيءَ جي ڍانچي ۾ جنرل سيڪريٽري سڀ کان وڏيڪ سگهارو عهدو هِو. ان ڪري اِهو ذهن ۾

رکڻ گهرجي تہ پارٽيءَ ۾ آمريت رڳو فرد ۾ نہ، پر پارٽي بناوت ۾ موجود هئي. جيڪڏهن اسٽالن جي جاءِ تي ڪو ٻيو فرد بہ جنرل سيڪريٽري ٿئي ها تہ اُن وٽ بہ اُهي ئي ساڳيا اختيار هجن ها، جيڪي اسٽالن وٽ هئا. پارٽيءَ جي اِها شڪل روسي معاشري ۾ برپا ٿيل سوشلسٽ انقلاب لاءِ لازمي ۽ ضروري هئي.

اسٽالن جارجيا ۾ قومي سوالَ کي حل ڪرڻ لاءِ اُتي جي انقلاب مخالف اڳواڻن سان انتهائي سختي سان پيش آيو پر انهن سمورن معاملن کي نبيرڻ ۾ سندس مطالعي جي کوٽ ۽ ڳڏوگڏ سخت حالتن جو عمل دخل هو. اِها هڪ سچائي آهي تہ جڏهن مختلف معاملن کي سمجهہ سان نبيريو وڃي ٿو تہ نتيجا ڌار نڪرن ٿا. لينن جي پارٽيءَ جي ارتقا لينن جي فردي شخصيت کان آزاداڻي هئي. ڇاڪاڻ تہ فرد جو ڪردار تاريخ ۾ ادارا ٺاهيندڙ جو هجي ٿو پر اڳتي هلي ادارو خود پنهنجي راهہ پاڻ متعين ڪري ٿو ۽ اختلافَ تہ هڪ اداري جي اندر مختلف فردن ۾ جنم وٺندا ئي رهن ٿا. لينن جي وفات کان اڳ لينن ۽ ٽراٽسڪي جا پڻ شديد اختلاف رهيا، جن ۾ بريسٽ لتووسڪ، نيپ ۽ پارٽي جي تصورن جهڙا مسئلا شامل هئا، ۽ ٽراٽسڪيءَ جا تصورَ تہ بالشويڪ پارٽيءَ جي فڪر سان تضادَ ۾ هئا.

ڪامريڊ لينن پارٽيءَ ۾ سڀني کان وڏيڪ بااختيار هوندي بہ پنهنجي رويي ۾ تمام گهڻو جمهوري هو. جڏهن تہ طاقت جي مرڪزي صورت ۾ هر وقت جمهوري رويي واري قيادت جو اچڻ لازمي ڪونهي.

جڏهن ڪامريڊ لينن جي مرتيي وقت اِهو سوال اُٿيو تہ ڪهڙو فرد پارٽيءَ طرفان لينن جي شخصيت ۽ فڪر جي اُپٽار ڪري تہ اُن وقت اسٽالن ليون ٽراٽسڪيءَ کي اِهو تاريخي فرض نڀائڻ جي آڇ ڪئي، پر ٽراٽسڪيءَ چيو تہ اِن موقعي تي پارٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري اسٽالن تقرير ڪري. ان تاريخي حقيقت مان اِها ڳالهہ واضح ٿئي ٿي تہ ٽراٽسڪيءَ جا اسٽالن سان اختلاف لينن جي موت کان پوءِ نروار ٿيا ۽ خود اسٽالن جو رويو ٽراٽسڪيءَ ڏانهن دشمنيءَ وارو نہ هو. اسٽالن فردي طرح ٽراٽسڪيءَ جي نظرياتي سمجهہ کي اهميت ڏيندو هو پر خود ٽراٽسڪيءَ جي رويي هن کي نہ رڳو اسٽالن سان پر سڄي بالشيوڪ

پارٽيءَ سان ٽڪراءَ ۾ آندو. ليون ٽراٽسڪي لينن جي مرتيي کان پوءِ سڀ کان اول پارٽيءَ ۾ ڌڙا بنديءَ جي شروعات ڪئي ۽ هن جي اِن رويي تي سمورا ڪارڪنَ ناراض ٿي پيا.

1924ع جي اونهاري ۾ ٽراٽسڪي ”آڪٽوبر جا سبق“ نالي ڪتاب ڇپايو جنهن ۾ هن لينن جي سمورن خيالن کي سندس نظريي جي ڪاميابي ڪري پيش ڪيو. مطلب ته اِن ڪتاب جي مطالعي کان پوءِ پڙهندڙ کي ائين محسوس ٿيندو ته لينن جڻ ٽراٽسڪيءَ جو پوئلڳ هجي. مثال طور لينن سوشلسٽ انقلاب کان اڳ ۽ پوءِ مستقل انقلاب جو اصطلاح نه واپرايو آهي، پر ٽراٽسڪي سندس نظريي مستقل انقلاب کي لينن جو نظريو ڪوٺي ٿو. لينن جي اَهڙيءَ بي حرمتيءَ تي پارٽيءَ جي ڪارڪنن سخت ردعمل جو اظهار ڪيو. ساڳئي وقت ٽراٽسڪي اسٽالن کان سواءِ پارٽيءَ جي پولٽ بيورو جي ٻين ميمبرن تي انقلاب سان غداريءَ جا الزام هنيا. اُن وقت ڪامريڊ اسٽالن معاملن کي ٺيءِ ڪندي چيو، ”اِهو هاڻ اسان جو فرض آهي ته ٽراٽسڪائيٽ سدا لاءِ دفن ڪري ڇڏجي.“ اسٽالن ٽراٽسڪي جي اِن ڪتاب جي جواب طور هڪ ٻيو ڪتاب ”لينزم جا بنيادَ“ نالي لکيو، ۽ ائين ٽراٽسڪيءَ جي ڌڙي سان پارٽيءَ انتهائي سختيءَ سان منهن ڏيڻ شروع ڪيو.

ليون ٽراٽسڪي اِن ڪتاب کان علاوه پارٽيءَ جي اندر موجود بحث مباحثي کي آمريڪي ۽ يورپي اخبارن ۾ پيش ڪرڻ لڳو ۽ جنهن تي هن هڪ پيرو پارٽيءَ کي معافي نامو لکي ڏنو هو. پر سندس ڌڙا بندي ۽ بورجوا پريس کي سوويت يونين جي پارٽي معاملن جي باري ۾ انٽرويو ڏيڻ جهڙا سلسلا جاري رهيا.

اَهڙي صورتحال ۾ سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ٽراٽسڪيءَ ڏانهن آمراڻو رويو پيدا ٿي پيو. چاڪاڻ ته هڪ پاسي سڄي سامراجي دنيا سوويت يونين جي خلاف سازشون ڪري رهي هئي، ته ٻئي پاسي پارٽي ۾ ڌڙا بندي پارٽيءَ کي ڪمزور ڪري رهي هئي. پر اسٽالن جي اِن سختيءَ سوشلزم جي ارتقا کي ڪوبه ڇيهو ۽ نقصان نه پهچايو ۽ ٽراٽسڪيءَ جي اِها راءِ ته اسٽالن انقلاب جو غدار

آهي هڪ خيالي مفروضو آهي.

مارڪسزم بنيادي طرح سماجي تبديليءَ جي لاءِ سگهه ۽ طاقت جي استعمال جي حمايت قطعي طرح نه ٿو ڪري، پر روس جهڙي معاشري ۾ ڪمزور ۽ نبل سوشلزم پنهنجي بقا لاءِ سختيءَ جو گهرجائو هو.

ٽراٽسڪيءَ جي لکتن ۾ اسٽالن جي خلاف جيڪي بنيادي دليل آهن، سي ٿي آهن. پهريون اختلاف اِهو هو ته هن ”هڪ ملڪ ۾ سوشلزم“ جي ڳالهه ڪئي، جيڪا مارڪسي بين الاقواميت جي تصورَ سان غداري آهي. ٻيو تضاد اِهو هو ته هُن مستقل انقلاب جي نظريي کي نه مڃي ٻين ملڪن ۾ سوشلسٽ انقلابن جي روڪ ٿام ڪئي ۽ ٽيون اختلاف اِهو هو ته اسٽالن جو اقتدار سوشلزم جي مٿان عملدار شاهيءَ (Beaurocracy) جو راج آهي ۽ اِن کي هن اسٽالنزم جو اصطلاح ڏنو.

مٿي ڄاڻايل ٽي اختلاف هڪ ٻئي سان لاڳاپيل آهن ۽ ٽيون تضاد هڪ الڳ حيثيت رکي ٿو.

انقلاب جو جدلي تصور ۽ ٽراٽسڪيءَ جي مستقل انقلابيت

مارڪس ۽ اينگلس پنهنجين سماجي حالتن ۽ مطالعي جي تحت سماجي انقلاب جي جيڪا تشريح ڪئي ان موجب جڏهن پراڻن پيداواري لاڳاپن سان نين اُسريل پيداواري سگهن جو ٽڪراءُ ٿي پوي ٿو. تڏهن اِهي نيون پيداواري سگهون پراڻن سماجي پيداواري لاڳاپن کي تبديل ڪري نون پيداواري لاڳاپن جي جنم جو باعث بڻجن ٿيون. دراصل مارڪس ۽ اينگلس جي اِها تشريح تاريخ جي جدلي ارتقا جي بنيادي سماجي، معاشي ڍانچي جو اظهار آهي، پر مارڪس ۽ اينگلس جي انهيءَ تشريح کي تاريخ جي بنيادي ڍانچي کان الڳ ڪري ڏسڻ جو عمل غير جدلي ۽ غلط طريقہ ڪار آهي. چاڪاڻ ته انقلاب يا نين پيداواري سگهن جي صورتن جي اُسرڻ جو عمل هر هڪ ملڪ ۾ سياسي، ثقافتي ۽ فڪري طرح فرق پڻ رکي ٿو.

ان سلسلي ۾ هڪ ٻي حقيقت چڱيءَ طرح ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته مارڪسزم رڳو مارڪس ۽ اينگلس نه، پر هڪ سائنس آهي، جنهن ۾ لڳاتار ارتقائي عمل ٿيندو رهيو هو. مارڪس ۽ اينگلس

ڪان پوءِ ڪيترن ئي ٻين انقلابين ۽ نظريي دانن اِن سائنس کي اُسرڻ ۽ وڌڻ ويجهڻ ۾ مدد پيئي ڪئي آهي. مارڪس ۽ اينگلس جي انقلاب جي نقطي نگاهہ کي پڻ جدلي طرح سان ڏسبوءِ نہ ڪي هر هڪ حرف تي ايمان واري طريقي سان. انقلاب جي اِن عام تفسير کان علاوه مارڪس ۽ اينگلس سوشلسٽ انقلاب جي وصف هن ريت ڪئي تہ جڏهن پورهيو ۽ ان جو عمل ايڏي سماجيت اختيار ڪري وڃي جو ذاتي ملڪيت پورهيي جي ارتقا آڏو رڪاوٽ ٿي پوي تہ ان جي نتيجي طور سوشلسٽ انقلاب جي اُڀرڻ جا امڪان نروار ٿي پون ٿا ۽ ائين سوشلسٽ نظام اسري ٿو. مارڪس ۽ اينگلس ان سوشلسٽ انقلاب جي اڳواٽي ڪندڙ طبقو پرولتاريہ کي قرار ڏنو. پرولتاريہ طبقي جي باري ۾ مارڪس ۽ اينگلس جو اهو خيال هو تہ اِهو سماج جو هڪ اهڙو حصو آهي جيڪو پنهنجي پورهيي جي سگهہ وڪڻڻ کان سواءِ سماج جي ڪنهن بہ نوع جي ملڪيت نہ ٿو رکي؛ ان ڪري اِن طبقي جو ڪردار طبقاتي سماج جي خلاف لڙائيءَ وارو بيهي ٿو. مارڪس ۽ اينگلس سندن لکڻين ۾ ڪن ڪن هنڌن تي هيٺين طبقن جي ٻين حصن جي انقلابي ڪردار تي پڻ لکيو آهي، پر واضح انداز ۾ نہ.

انساني تاريخ ۾ سرمايداري نظام جي ارتقا مارڪس ۽ اينگلس جي جدلي تصور جي ثابتي ڏين ٿا. پر سندن چيل هر هڪ لفظ جي نہ. مارڪس ۽ اينگلس کان بعد ۾ ايندڙ مارڪسي ڪميونسٽ اڳواڻن ۽ نظريي دانن جي دؤر ڪيترن ئي اهڙن نون سوالن ۽ مسئلن کي اُڀاريو. جن جو لفظ بہ لفظ جواب مارڪس ۽ اينگلس جي ڪتابن ۾ موجود نہ هو. مارڪس ۽ اينگلس کان پوءِ سرمايداريءَ تمام وڏي پيماني تي عالمي سامراجي صورت اختيار ڪري ورتي هئي ۽ اِن سامراجي سرمايداريت جو خاتمو اُن دؤر جي مارڪسي انقلابين لاءِ هڪ اهم مسئلو هو. اِن دؤر ۾ مارڪسزم هڪ نوع جي سادي صورت وڃائي وينو ۽ اهڙي طرح اولهہ جي مارڪسزم اوڀر ۾ نيون صورتون اختيار ڪرڻ لڳي ۽ ڪيون.

سرمايداري سامراجيت جي اُڀار کان پوءِ ئي مارڪسزم اندر ٻينڪيتي، نيم ٻينڪيتي ۽ سامراجي ملڪن جي فرق سبب مختلف

فڪري روين ۽ روايتن جو جنم ٿيو. ان دؤر ۾ ئي اولهہ جي ٻي انٽرنيسنل کان روس جي مارڪسزم جي ڌار شڪل جي جنم جو آغاز ٿيو.

ٻي انٽرنيشنل جي سڀ کان اهم مفڪر ڪارل ڪائوتسڪي اولهہ جي پرولتاري طبقي جي سرمايداري نظام اندر بغاوت کان نابريءَ ۽ انقلابي ڪردار نہ نڀائڻ سبب پورهيتن کي سرمائيدارن سان ٺاهہ ڪرڻ جي صلاح ڏني؛ دراصل ڪائوتسڪي هڪ پاسي مارڪس جي پرولتاري طبقي مان انقلابي اُميد کي مطلق سمجهيو ۽ ٻئي پاسي هو نئين دؤر ۾ اولهہ جي سامراجي ملڪن ۾ پرولتاريءَ جي مراعت يافتہ صورتحال کي سمجهڻ کان نااهل رهيو.

ٻي انٽرنيشنل جي مارڪسي عالمن جو رويو ٻينڪيتي ۽ نيم ٻينڪيتي ملڪن ڏانهن واضح طرح اِهو هو تہ جيستائين انهن ملڪن ۾ سرمايداري نظام پڇي راس نہ ٿو ٿئي، تيستائين سوشلسٽ انقلاب جي لڙائي بي معنيٰ ۽ اجائي آهي. خاص طرح هنن مارڪس جي ٻڌايل پرولتاري طبقي جي ڪوٺ سبب اِهو رويو اختيار ڪيو. مارڪس ۽ اينگلس ڏانهن سندن رويو هڪ طرف ايمان وارو هو ۽ ٻئي طرف مارڪسزم جو انقلابي رخ کان نابري ۽ انڪار وارو هو.

ٻي انٽرنيشنل جي مارڪسين جي ٻينڪيتي ۽ نيم ٻينڪيتي ملڪن ۾ سرمايداري نظام جي ترقي پسند ڪردار جو خيال دراصل پٺتي پيل ملڪن ۾ سامراجي ملڪن جي سچي پچي تصوير ڪشي ڪرڻ کان ڪوهين ڏور هو. حقيقت ۾ سامراجي ملڪن سرمايداري نظام کي انهن پٺتي پيل ملڪن ۾ واڌ ويجهہ ڏيڻ بجاءِ پراڻن لاڳاپن کي جيئن جو تيئن برقرار رکڻ لاءِ استعمال ڪيو.

ٻي انٽرنيشنل جي مارڪسي مفڪرن جي اَهڙي ئي فڪري رويي پاروَس، ويرا زاسولچ ۽ ليون ٽراٽسڪيءَ جي مستقل انقلابيت ۽ لينن جي اڻ برابريءَ واري اوسر جي نظرين کي جنم ڏنو. ڪامريڊ ولاديمير ايليچ جي فڪري نظريي تي بحث ڪرڻ کان اڳ اسين مستقبل انقلاب جي نقطي نگاهہ جي ڇنڊ ڇاڻ ڪنداسين.

مستقل انقلاب جي نظريي ۽ اصطلاح کي سڀ کان اول پيش ڪندڙ ڪارل مارڪس پاڻ هو. مارڪس اِن اصطلاح جو استعمال

جرمنيءَ جي مخصوص حالتن جي پس منظر ۾ ڪيو هو. مارڪس جي اُن وقت جي ڇنڊ ڇاڻ موجب جرمني اولهه يورپ جو اُهو پٺتي پيل حصو آهي جنهن ۾ سرمايداري نظام ۽ اُن جي سياسي شڪل يعني جمهوريت جو پورو پختو اُپار نه ٿيو آهي؛ اِن ڪري جرمنيءَ ۾ جمهوري لڙائيءَ جو قرض سرمايدار طبقو پنهنجي سياسي، سماجي حيثيت جي ڪمزوريءَ سبب نباهي نه ٿو سگهي. اهڙي حالت ۾شهرن ۾ موجود پرولتارري طبقي جو اِهو فرض آهي ته اُهو جمهوري لڙائيءَ کي قائم رکندي پنهنجيءَ آزاديءَ لاءِ سوشلسٽ انقلاب جي دائري ۾ داخل ٿي وڃي ۽ اُهو ائين ڪرڻ جي اهل پڻ آهي. مارڪس جي اهڙي نوع جي سوچ سندس لکڻين ۾ ترتيب سان ۽ سرشتي ۾ موجود نه هئي. دراصل ڪارل مارڪس خود پورهيت تحريڪ جي ڪيترن ئي نون لقائن جي سائنسي جدلي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ کان قاصر رهيو. مارڪس جي گهڻن ئي مطالعاتي دائرن مان هڪ دائرو انقلاب ۽ انقلابي عمل هو ۽ مارڪس سمورو وقت انقلابي دؤرن جو مطالعو ڪري به نه ٿي سگهيو. ڇاڪاڻ ته مارڪس کي سرمايي ۽ سرمايداري نظام جي ارتقا جي مختلف ڏاڪن جي ترتيب وار مطالعي ايترو وقت ئي مهيا نه ڪيو.

مارڪس کان پوءِ مستقل انقلاب جي اصطلاح کي ڪيترن ئي ٻين مارڪسين واپرايو، پر مستقل انقلاب جي نظريي ۽ فڪر جو سڀ کان سگهارو نمائندو ليون ٽراٽسڪي هو.

ليون ٽراٽسڪي 1905ع ڌاري پنهنجو ڪتاب ”مستقل انقلاب“ جي نالي هيٺ ڇپائي پڌرو ڪيو ۽ اِن ئي ڪتاب ۾ هن پنهنجن خيالن کي ترتيب وار پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

ليون ٽراٽسڪي پنهنجي ڪتاب ۾ پٺتي پيل سرمايداري ملڪن ۾ سوشلسٽ انقلاب جي نوعيت، پرولتاري طبقي جي ڪردار، سوشلسٽ نظام جي ارتقا ۽ اُن جي بچاءُ جهڙن موضوعن کي بحث هيٺ آندو. ليون ٽراٽسڪيءَ جي خيال موجب، سرمايداري نظام بنيادي طرح پنهنجيءَ فطرت ۾ عالمي آهي ۽ اِن ڪري سرمائيداري نظام جو خاتمو يعني سوشلسٽ انقلاب پڻ عالمي نوع جو عمل ۽ سلسلو آهي. ليون ٽراٽسڪي اهڙي طرح مستقل انقلاب جي معنيٰ کي وسيع

ڪندي اُن کي عالمي انقلاب جو متبادل ٻڻائي پيش ڪيو. جڏهن ته مارڪس وٽ مستقل انقلاب مان مراد اِها هئي ته پٺتي پيل ملڪن ۾ پرولتاري طبقي جي سرمايدري نظام جي مرحلي کي عبور ڪندي سوشلسٽ انقلاب جي دائري ۾ داخل ٿي وڃڻ جو عمل هو. ڪنهن به اصطلاح جي نئين معنيٰ پراڻي مفهوم کي رد ناهي ڪندي، پر اُن اصطلاح جا معنيٰ ۽ مفهوم وسيع تر ٿيندا ويندا آهن. اهڙيءَ طرح ٽراٽسڪي مارڪس جي مستقل انقلاب جي مٿين معنيٰ کي قائم ۽ دائم رکيو. ٽراٽسڪيءَ جو خيال هو ته روس ٻين پٺتي پيل سماجن ۾ پرولتاري طبقو سرمايداري نظام جي پوري پختي مرحلي کي عبور ڪرڻ کان سواءِ به سوشلسٽ نظام ۾ داخل ٿي سگهي ٿو. ۽ ائين ٽراٽسڪي مرحلن ۽ ڏاڪن جي اهميت کان انڪاري ٿي وڃي ٿو.

ٽراٽسڪي پٺتي پيل ملڪن ۾ مغرب مان آيل سرمايداريءَ جي ارتقائي عمل کي گاڏڙ ساڌڙ اوسر جو اصطلاح ڏنو. ان مان سندس مراد اِها هئي هنن ملڪن ۾ پراڻن سماجن جي باقيات ۽ جديد سرمايداريت جون شڪليون هڪ ئي وقت گڏيل طرح پنهنجو وجود قائم رکن ٿيون ۽ اهڙي صورتحال سرمايداري نظام جي پٺتي پيل ملڪن ۾ ترقي پسند ڪردار جي وڃائڻ جو اظهار آهي. ۽ ائين اِها بحراني حالت پرولتاري طبقي کي اُهو موقعو فراهم ڪري ٿي ته هو نه رڳو سرمايداري کان اڳوڻن نظامن جو خاتمو آڻي، پر ساڳئي وقت سوشلزم جي پورهيت دوست نظام جي شروعات پڻ ڪري.

پر ليون ٽراٽسڪي پٺتي پيل ملڪن جي سوشلسٽ انقلاب ۽ نظام جو دفاع مغربي يورپ جي سوشلسٽ انقلابن ۾ سمجهي ٿو. ٻين لفظن ۾ پسمانده ملڪن جا سوشلسٽ نظام اوستائين زنده رهي نه ٿا سگهن، جيستائين جرمني، فرانس ۽ انگلينڊ جو پرولتاري سوشلسٽ انقلاب برپا نه ٿو ڪري. هڪ هنڌ ٽراٽسڪي لکي ٿو ته روس جو پرولتاري سخت تڪڙ ۾ بغير ڪپڙن جي جيءُ رهيو آهي ۽ سندس ڪپڙا اولهه يورپ جي پرولتاري وٽ آهن. ٽراٽسڪيءَ جي اهڙي نقطي نگاهه ۾ واضح طرح اِهو اظهار ٿئي ٿو ته هو پٺتي پيل ملڪن جي سوشلزم جي جيئندان لاءِ سامراجي ملڪن جي پرولتاريءَ ڏانهن واجهائي ٿو.

ٽراٽسڪيءَ جي سوچڻ جي انداز ۾ اِهو پڻ چٽو آهي تہ هو پرولتاري طبقي کي ئي سوشلزم جي قيام جو واحد ذريعو قرار ڏئي ٿو. ليون ٽراٽسڪي جي اهڙي فڪري انداز ۾ مارڪس ۽ اينگلس جي ڏسيل پرولتاري طبقي کي سوشلزم لاءِ هڪ مطلق حيثيت حاصل آهي.

ليون ٽراٽسڪيءَ جي اُبتڙ ڪامريڊ لينن جو نقطي نظر ڪافي ڌار ۽ الڳ نوعيت جو هو ۽ آهي. لينن جي سوچ جي ڌارا ۾ ٽراٽسڪيءَ جي فڪر جا ڪيترائي هڪجهڙا پاسا ملن ٿا. پر اِهي جزوي هيڪڙايون لينن ۽ ٽراٽسڪيءَ کي مجموعي طرح سان هڪ ئي مڪتبِ فڪر جا نمائندا نہ ٿيون بڻائين.

ڪامريڊ لينن انقلاب ۽ انقلابي عمل کي جدلي انداز ۾ پرکيو ٿي. ڪامريڊ لينن هر هڪ ملڪ ۾ ساڳئي انداز ۾ انقلابي عمل جي برپا ٿيڻ کي جائز قرار نہ ٿي ڏنو. مارڪس ۽ اينگلس ڪانپوءِ ايندڙ مارڪسي ڪميونسٽن سوشلسٽ انقلاب لاءِ پرولتاري طبقي کي مطلق حقيقت سمجهيو ٿي، جڏهن تہ ڪامريڊ لينن سوشلزم جي وجود لاءِ سڌو سنئون پرولتاري طبقي کي نہ، پر پرولتاري طبقي جي نظريي يعني مارڪسزم کي وڌيڪ اهميت ڏني ٿي. ڇاڪاڻ تہ پرولتاري طبقو پاڻ اقتصادي ويڙهہ وڙهي ٿو پر سندس نظرياتي قيادت يعني پارٽي مجموعي طرح سان پرولتاري ۽ طبقي جي سياسي لڙائي وڙهي ٿي. ٻين لفظن ۾ ڪامريڊ لينن مارڪس ۽ اينگلز کان هڪ رَتي اڳتي وڌي سوشلزم جي زندگي پرولتاري طبقي جي نظرياتي قيادت حوالي ڪئي. دراصل لينن جو اهو نقطي نگاهہ ڪافي درست آهي، ڇاڪاڻ تہ پرولتارري طبقو پاڻ غير طبقاتي سماجي سائنس جو علم نہ ٿو رکي.

ڪامريڊ لينن ٽين انٽرنيشنل جي نمائندن تي لڳاتار اها تنقيد ڪندو رهيو تہ اِهي 1917ع جي روسي سوشلسٽ انقلاب جي منطق کي ٻين ملڪن تي جيئن جو تيئن لاڳو ڪن ٿا. ڪامريڊ لينن جو خيال هو تہ سرمايداريءَ جي سامراجي صورت کان پوءِ انقلابن جو رخ اوڀر ۽ پٺتي پيل ملڪن طرف مُڙي ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ اولهہ يورپ جو پرولتاري، سامراجيت سبب مراعت يافتہ حيثيت اختيار ڪري ويو آهي. ان ڪري عالمي سامراجيت جون ڪمزور ڪڙيون روس،

بينڪيتي ۽ نيم بينڪيتي ملڪ آهن ۽ اِنهن ۾ اسين سرمايداري نظام کي ختم ڪري سگهون ٿا.

ڪامريڊ لينن بينڪيتي ملڪن کي لڙائيءَ جو پهريون محاذ سامراج کان آزاديءَ جو ڏسيو ۽ سوويت يونين لينن جي اڳواڻيءَ ۾ بينڪيتي ملڪن جي قومي بورجوازيءَ کي سامراج خلاف لڙائيءَ جي حمايت جو يقين ڏياريو. ڪامريڊ لينن جي حڪمت عملي جدلي انداز سان هڪ ڏاڪي طور قومي آزادين جي بورجوا قيادت جي حمايت ڪئي ۽ لينن کي اِهو يقين هو تہ قومي آزاديءَ جون اِهي تحريڪون سوشلسٽ انقلابن لاءِ راهہ هموار ڪنديون. جڏهن تہ ليون ٽراٽسڪي ڪنهن بہ قومي آزاديءَ جي بورجوا قيادت تي يقين ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو. لينن ۽ ٽراٽسڪي کي هڪ ئي صف ۾ بيهارڻ وارن کي اِهو چڱي طرح سمجهڻ گهرجي تہ لينن هندستان جي قومي آزاديءَ جي اڳواڻ گانڌيءَ جي ڪُلي طرح حمايت ڪئي هئي ۽ ٽراٽسڪي ۽ اُن جا ساٿاري بلڪل الڳ مؤقف رکن پيا.

ڪامريڊ لينن روس جي سوشلسٽ انقلاب جو جدلي ڇيد ڪندي پرولتاري ۽ هاري اتحاد کي سوشلزم جي ڪاميابيءَ جو اهم ذريعو سمجهيو ٿي. ڇاڪاڻ تہ ڪامريڊ لينن روس جي مخصوص حالتن کي نظر ۾ رکندي ان نتيجي تي پهتو هو تہ هينين طبقن جي ٻين حصن جو سوشلزم جي بقاءَ ۾ اهم ڪردار آهي. جڏهن تہ ليون ٽراٽسڪي سوشلزم جي ڪمزوري هاري طبقي کي سمجهندو هو.

ڪامريڊ لينن انقلابي عمل کي جدليات جي نقطئہ نگاهہ کان ڏٺو پئي، جڏهن تہ ليون ٽراٽسڪي هڪ ئي مطلق فارمولو سموري دنيا تي لاڳو ڪري رهيو هو. ڪامريڊ لينن مختلف ملڪن ۽ سماجن جي نوعيت تحت هينين طبقن جي ڌار ڌار حصن جي انقلابي ڪردار تي نظر رکي رهيو هو. لينن جي سوچ جي طريقئہ ڪار جي ثابتي روس جي 1917ع جي انقلاب کان پوءِ ايندڙ انقلاب ڏين ٿا. مثال طور، ڪيوبا جو انقلاب نوجوان جٿن تي ٻڌل گوريلن جي ويڙهہ جو نتيجو هو ۽ انهن جٿن جي اڳواڻي نظريو ڪري رهيو هو. دراصل پرولتاريءَ کي انقلاب جي مطلق قوت سمجهڻ وارن لاءِ ڪيوبا جي انقلاب جي جدليات کي

سمجهاڻ تمام گهڻو ڏکيو آهي. ٽراٽسڪيءَ ڪانپو ايندڙ ٽراٽسڪائي اِن مسئلي تي تمام گهڻو بحران جو شڪار رهيا آهن، چاڪاڻ ته سوشلسٽ انقلاب ٽراٽسڪيءَ جي نظر ۾ رڳو پرولتاريه جوئي ڪم ۽ فرض آهي. ٽراٽڪسائي دوست هر نئين آيل انقلاب تي منڌل ۽ پاڻ ۾ اختلافي رهيا آهن. ڪڏهن چين جي انقلاب کي سوشلسٽ مڃڻ لاءِ تيار نه آهن ته ڪڏهن ويٽنام جي انقلاب کي؛ پر گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ اِهو دليل ڏيندا آهن ته انهن ملڪن ۾ سوشلزم تي عملدار شاهيءَ جي آمريت آهي. سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ ٽراٽسڪائي دوست ڪراچيءَ کي پرولتاريه جي گهڻي انگ سبب سنڌ جو پيٽرس برگ ڪوٺيندا آهن، پر سندن نظر انهن ٻهراڙين تي نه ٿي وڃي جن 1983ع ۾ شهرن کان وڌيڪ ترقي پسند ڪردار ادا ڪندي آمريت خلاف جنگ جو اعلان ڪيو. ٻين لفظن ۾ هو سنڌ جي سياسي سلسلي ۾ انقلابي روش جو حقيقي مطالعو ڪرڻ کان سواءِ پرولتاري طبقي جو راڳ آلاپيندا رهن ٿا.

ٻئي طرف ڪامريڊ ٽراٽسڪيءَ جو اهو خيال ته روسي سوشلسٽ انقلاب عالمي سوشلزم جي قيام طرف وڌڻ گهرجي ته ٽراٽسڪي دنيائي گولي تي ڌار ڌار سماجن جي ارتقا ۽ اُنهن جي سمجهه کان مڪمل نابري واري ٿو. روسي سوشلسٽ انقلاب جو عالمي ڪردار صرف اِن حقيقت ۾ هو ته هن انقلاب سموري دنيا جي مظلوم قومن ۽ طبقن کي پنهنجيءَ آزاديءَ لاءِ اُتساهيو. پر ٽراٽسڪي ۽ ان جا ساٿاري ٻين سماجن ۾ به روسي انقلاب واري صورتحال پسي رهيا هئا، ۽ آهن. اِن جو واضح مثال بريسٽ لتووسڪ وارو معاملو هو. جنهن ۾ ٽراٽسڪي جو خيال هو ته جرمني سوشلسٽ انقلاب لاءِ تيار آهي ۽ اسان کي هاڻ جرمنيءَ تي ڪاهه ڪرڻ گهرجي. جڏهن ته ڪامريڊ لينن جرمني ۾ انقلابي صورتحال کي اُتان جي پنهنجين حالتن جي پيداوار سمجهيو ٿي ۽ انقلاب کي روس مان جرمنيءَ تي مڙهڻ جو سخت مخالف هو. دراصل اسٽالن جڏهن "سوشلزم- هڪ ملڪ ۾" جو نعرو ڏنو ته سندس نيت ۽ مراد اِهائي هئي ته روسي ڪميونسٽن جي قوت کي ٻين سماجن ۾ ڪاهه ڪرڻ واري رويي ۽ نظريي کان

روڪجي. اسٽالن اِهو چاهيو ٿي ته انقلاب کان پوءِ سموري سماج جي قوت کي روس ۾ سوشلسٽ سماج جي تعمير ۾ لڳايو وڃي، نه ڪي بي معنيٰ فوج ڪشيءَ جي جنون ۾. چاڪاڻ ته جيڪڏهن سوشلسٽ سماج ۾ اُها تبديلي پيدا نٿا ڪن، جنهن جي تقاضا سوشلزم جو نظريو ڪري ٿو ته پوءِ سندن سموري انقلابي تحريڪ ناڪام ٿي سگهي ٿي.

ڪامريڊ اسٽالن جي نقطي نگاهه "سوشلزم- هڪ ملڪ ۾" جي انهيءَ نعري ۽ خيال جي اِها مراد قطعي ڪونه هئي ته ٻين ملڪن ۽ سماجن جي انقلابي تحريڪن کي وڌڻ ويجهڻ کان روڪجي، پر سندس راءِ رڳو اها هئي ته سوشلزم جي تعمير هڪ ملڪ اندر به ممڪن آهي ۽ عالمي سوشلزم جي انتظار ۾ هڪ ملڪ اندر جوڙيل پورهيت راڄ جي قرباني هڪ بي معنيٰ عمل آهي. اسٽآلن جي اِها راءِ ڪافي حد تائين درست آهي. چاڪاڻ ته سوشلزم ڪميونزم جي پهرئين ۽ ابتدائي ڏاڪي طور دنيا ۾ رياستن جو خاتمو نه ٿو ڪري سگهي ۽ جيڪڏهن دنيا ۾ مختلف ۽ ڌار ڌار رياستون وجود رکن ٿيون ته پوءِ لازمي طرح سوشلسٽ سماج سڀ کان اول رياستي شڪل ۾ ئي پنهنجو اظهار ڪندو.

سوويت يونين جي سياست جو جائزو وٺجي ته خاص طرح ٻي مهاڀاري لڙائيءَ دؤران سوويت يونين اسٽالن جي اڳواڻيءَ ۾ ٻين ملڪن تي فوج ڪشي ڪري سوشلزم جي رسمي صورت قائم ڪئي دراصل اِهو سمورو عمل فاشي ۽ سامراجي قوتن سان لڙائيءَ جو نتيجو هو ۽ سوويت يونين جي اهڙي روش تي ڪيترن ئي ڪميونسٽ ڏرين سخت تنقيدي رويو اختيار ڪيو ۽ جيڪڏهن جنگي حالتن ۾ ڪيل اسٽالن جو اِهو فيصلو درست نه هو ته پوءِ ليون ٽراٽسڪيءَ جون عام حالتن ۾ ٻين ملڪن ۾ سوشلسٽ انقلابن جون اڳڪٿيون ڪيئن درست ٿي ويون.

اسٽالن ۽ سندس پارٽيءَ کي سڀ کان وڏي ڳڻتي اِها هئي ته جيڪڏهن سوويت يونين ٻين سامراجي ملڪن جي سرمايداريءَ سان ترقيءَ ۾ مقابلو نه ٿو ڪري ته ان جي نتيجي طور سرمايداريت جي خاتمي لاءِ اُٿيل عالمي تحريڪون ڪيتري ئي عرصي لاءِ ماٺيون ٿي وينديون.

ان سموري بحث ۾ جيڪڏهن ٽراٽسڪيءَ جي نقطي نظر کي پرکجي تہ سندس مستقل انقلابيت جو جامد فارمولو مختلف سماجن جي انقلابي سلسلن جي تحريڪ کي سمجهائڻ جي صلاحيت نہ ٿو رکي. ٻين لفظن ۾ هن جو انقلاب جو تصور ڪنهن بہ سماج جي مخصوص حالتن کان بالاتر ۽ غير جدلي هو. حقيقت ۾ ضرورت اِن ڳالهہ جي آهي تہ مارڪس، اينگلس ۽ لينن کان پوءِ سوشلزم جي مختلف آيل ڏاڪن ۽ مرحلن جو ڇيد ڪجي، ۽ نہ ڪي ڪنهن اڳ ئي جوڙيل سوشلزم جي يوٽوپيا سان مختلف ملڪن ۾ آيل انقلابن جي ڀيٽ ڪجي.

عملدار شاهي ۽ اسٽالني دؤر

اسٽالن سان ٽڪراءَ ۽ جلاوطني سبب پيدا ٿيل صورتحال ڪي، ليون ٽراٽسڪي هڪ تہ اسٽالن جي پارٽي جي مرڪزي حيثيت ۾ اچڻ ۽ ٻيو بعد واري ڏينهن ۾ سوشلزم مخالف عملدار شاهي رد انقلاب جي صورت ۾ سمجهيو ۽ سمجهايو. ڇاڪاڻ تہ تاريخ ۾ ڪڏهن ڪڏهن هڪ فرد ۽ ڌڙي جي ناڪاميءَ کي اهو ڌڙو پنهنجي موضوعي خيالي تصورن جي دفاع لاءِ سموري سياسي تحريڪ ۽ ان جي حاصلات جي ناڪاميءَ جي طور سامهون آڻيندو آهي.

سوويت سماج ۾ عملدار شاهيءَ جي لقاءَ ۽ ٽراٽسڪيءَ جي عملدار شاهيءَ جي ردانقلابي تصور کي سمجهڻ کان اڳ اهو ضروري آهي تہ عملدار شاهيءَ جي سماجي حيثيت جي تشريح ڪئي وڃي. ڇاڪاڻ تہ خود عملدار شاهي جي وصف ۽ ان سماجي تهہ جي نظرياتي حدبندي ڪيترن ئي فڪري مونجهارن کي دور ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿي.

عملدار شاهي سماج جو اهو حصو آهي جيڪو رياستي انتظامي معاملن جو وهنوار هلائي ٿو يعني عملدارشاهي رياستي ادارن جي رکواليءَ وارو ڪردار ادا ڪري ٿي. انساني سماج جي تاريخ ۾ رياست جي جنم عملدار شاهيءَ کي پيدا ڪيو يا ائين ڪٽي ڇئجي تہ رياست دراصل عملدارن جو هڪ اهڙو ادارو آهي جيڪو سماج جو ڪاروهنوار متعين ڪري ٿو.

عملدار شاهي انساني سماج ۾ موجود سماجي اقتصادي بناوتن کان جدا ۽ الڳ نہ ٿي هجي، پر ان جي سيرت ۽ صورت سماجي اقتصادي نظامن جي جوڙجڪ مطابق طيءِ ٿئي ٿي. جيئن انساني سماج هڪ تاريخي سلسلو آهي، تيئن ئي عملدارشاهيءَ جو جنم ۽ ان جي پڪي پختي ٿيڻ جو عمل بہ هڪ پوري تاريخ رکي ٿو. جيئن اسان مٿي ڄاڻايو تہ عملداري نظام دراصل رياستي ڪاروهنوار جو اظهار آهي، ان ڪري عملدار شاهيءَ جي هڪ اداري طور اُڀرڻ جو مطالعو سماج مان رياست جي اڀرڻ ۽ ان جي جداگانہ حيثيت ماڻڻ جي عمل سان ڳنڍيل آهي. ٻين لفظن ۾ عملدار شاهيءَ جو مطالعو رياست ۽ سماج جي وچ ۾ موجود تضادَ جي سمجهاڻيءَ سان وابسطا آهي.

ڪامريڊ لينن فريڊرڪ اينگلس جي رياست بابت موجود تصور کي پنهنجي ڪتاب "رياست ۽ انقلاب" ۾ واضح ۽ چٽو ڪندي لکيو آهي تہ رياست بنيادي طرح نہ حل ٿيندڙ طبقاتي تضادن جي پيداوار آهي، يعني ذاتي ملڪيت جي جنم کان پوءِ سماج ۾ اڀريل طبقاتي فرق ۽ انهن طبقن جي پاڻ ۾ لڙائي انهن ذريعن کي پيدا ڪيو جنهن جي آڌار تي حاڪم طبقن پنهنجي دفاع لاءِ هڪ پوري عملدار شاهاڻي رياستي مشينري کي پيدا ڪيو. دراصل ڪامريڊ لينن اهو چوڻ چاهي پيو تہ رياست هڪ طبقي جو ٻئي طبقي تي حاڪميت جو اوزار آهي. ان مان اهو واضح آهي تہ لينن وٽ عملداريت جي نظام جو ڪارج طبقاتي نظام کي سدا قائم ۽ دائم رکڻ آهي. ان ڪري ڪامريڊ لينن مارڪس جي "پرولتاري آمريت" جي تصور جو دفاع ڪندي لکي ٿو تہ پهرئين ڏاڪي ۾ پرولتاريہ کي اهڙو رياستي نظام جوڙڻو پوندو جيڪو پورهيت دشمن طبقن جو خاتمو ڪري، ۽ پوءِ ٻئي دائري ۾ رياست کي سوشلسٽ سماج جي تعمير جو فرض پورو ڪرڻو پوندو.

ڪامريڊ لينن مارڪس ۽ اينگلس جي هڪ ٻئي تصور کي واضح ڪندي لکي ٿو تہ طبقاتي نظام جي خاتمي سان رياست آهستي آهستي مٽجڻ شروع ٿي ويندي. ڇاڪاڻ تہ طبقاتي نظام جي عدم موجودگي ڪنهن بہ هڪ طبقي جي بالادستي قائم رکڻ جا ذريعا پڻ ختم ڪري ڇڏيندي.

ڪامريڊ لينن پنهنجي ڪتاب ”رياست ۽ انقلاب“ ۾ لکي ٿو ”جنهن وقت ڪان سماج جا سمورا ماڻهو يا سمورا نہ پر انهن جي وڏي اڪثريت، رياستي وهنوار پاڻ هلائڻ سکي وٺندا. . . . . انهيءَ لمحي ڪان ڪنهن بہ قسم جي حڪومت جي ضرورت قطعي طور تي ختم ٿيندي ويندي.“ لينن جي انهن جملن ۾ اها ڳالهہ چٽي آهي تہ سماج جي اڪثريت يا سماج پاڻ پنهنجي ارتقا جي عمل مان گذرندي پاڻ وهيٽو ۽ آزاد ٿيندو ويندو ۽ اهڙيءَ طرح سماج کي پاڻ ڪان ٻاهر ۽ الڳ رياستي مشينري جي ضرورت بہ ڪانہ رهندي. ڪامريڊ لينن ان حقيقت جو اظهار هيئن بہ ڪندو رهيو آهي تہ جڏهن بورچي عملدار ٿي ويندو ۽ عملدار بورچي.

ڪامريڊ لينن رياست جي متجڻ جي عمل تي تفصيلي بحث ڪندي سوشلسٽ سماج جي تعمير جي ٻن بنيادي مرحلن جو اظهار ڪري ٿو. ڪامريڊ لينن جي مطابق جنهن سماج ۾ رياست مڪمل طرح متجي ويندي، سو ڪميونسٽ سماج هوندو پر ان ڪميونسٽ سماجَ جي نهڻ جي سلسلي جا هي ٻہ ڏاڪا هوندا: پهرين ڏاڪي ۾ مساوات صلاحيت جي مطابق قائم ٿيندي ۽ جنهن ۾ اجا صلاحيتن جي اڻ برابريءَ جو مسئلو موجود رهندو ۽ ٻئي ڏاڪي ۾ مساوات ضرورت جي مطابقت ۾ هوندي ۽ جنهن ۾ صلاحيتن جي اڻ برابريءَ وارو مسئلو نبرجي ويندو. ٻين لفظن ۾ پهرئين ڏاڪي يعني سوشلزم ۾ صلاحيتن جي مطابق اجورو ڏنو ويندو ۽ ٻئي ڏاڪي يعني ڪميونزم ۾ ضرورت آهر اجوري جو اصول لاڳو ٿي ويندو. ڪامريڊ لينن موجب ڪميونسٽ سماج جي تشڪيل جو فرض هڪ سوشلسٽ رياست کي سرانجام ڏيڻو آهي. مطلب تہ سوشلسٽ رياست هڪ اهڙي رياست هوندي جيڪا سماج کي پاڻ وهيٽو بنائڻ لاءِ پنهنجي موت جون حالتون تيار ڪندي.

ليون ٽراٽسڪي ڪامريڊ لينن جي رياست بابت انهيءَ تصور کي مرڪز بنائيندي پنهنجي ڪتاب ”انقلاب سان غداري“ (Revolution Betrayed) ۾ اهو سوال اٿاري ٿو تہ ”ڇا سوويت سوشلسٽ سماج ۾ رياست طبقاتي تضادن جي خاتمي ڪان پوءِ مِتجڻ ۽ مرڻ طرف وڃي

پئي؟“ ليون ٽراٽسڪيءَ جو اهو سوال انتهائي اهميت جوڳو ۽ غور طلب آهي، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن رياست اڻ حل ٿيندڙ طبقاتي تضادن جي پيداوار آهي تہ پوءِ سوويت سوشلسٽ رياست ۾ ان جو عملداري راڄ وڌيڪ سگهارو ڪيئن ٿيندو ويو. ان هڪ حقيقت سوشلسٽ ۾ خاص طرح مارڪسي ادب ۾ عملدار شاهيءَ جي لقاءَ تي ٻيهر غور و فڪر ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو. ملاون ڊجلاس پنهنجي ڪتاب ”هڪ نئون طبقو“ ۾ سوويت يونين ۾ موجود عملدار شاهيءَ کي هڪ نئون سماجي طبقو ڪوٺيو آهي ۽ کي مفڪر مثلاً ٽوني ڪلف سوويت رياست کي رياستي سرمايداري سڏيو آهي. اسين اهي مثالَ ان ڪري ڏئي رهيا آهيون تہ پڙهندڙن جي آڏو اهو واضح هجي تہ مارڪسي ادب ۾ عملدار شاهي ۽ اُن جي فطرت جي باري ۾ ايڏي وڏي پيماني تي بحث اڳ نہ ٿيو آهي.

ڇا عملدار شاهيءَ کي هڪ نئين طبقي طور تسليم ڪري سگهجي ٿو؟ تاريخي ماديت جي نقطي نظر موجب طبقو پيداواري قوتن ۽ لاڳاپن وسيلي متعين ٿئي ٿو. مثال طور، جاگيرداري سماجي نظام ۾ جاگيردار کي ان ڪري طبقو چيو وڃي ٿو تہ اهو پيداواري قوتن سان مالڪيءَ واريءَ حيثيت ۾ سلهاڙيل آهي، ۽ هاري ان ڪري طبقو آهي جو اهو پورهيي جي عمل ۾ پاڻ هڪ پيداواري قوت آهي. پر ڇا هڪ آبدار جيڪو رياست طرفان پاڻيءَ جي ورڇ لاءِ مقرر ٿيل آهي، واقعي هڪ طبقي جو اظهار ڪري ٿو؟ ائين بلڪل آهي تہ هڪ آبدار جاگيرداري نظام سان هڪ آهي، پر اهو ذاتي ملڪيت ۽ پورهيي جي عمل ڪان ڪٽجڻ سببَ ڪنهن بہ معنيٰ ۾ هڪ طبقو ڪونهي. هڪ عملدار جو تعين انتظامي معاملن ۾ ان جي پيشي ۽ مهارت جي بنياد تي ٿئي ٿو. ٻين لفظن ۾ ڪنهن بہ عملدار جو رياستي حيثيت ۾ مستقل وجود نہ هوندو آهي ۽ عملدارن جي چوند سندن مطالعي، سمجهہ ۽ مهارت تي ڪئي ويندي آهي. لينن واضح لفظن ۾ چيو آهي تہ عملداري نظام يا رياست هڪ طبقي جو ٻئي طبقي مٿان هڪ اوزار آهي ۽ نہ ڪي پاڻ طبقو.

عملدار شاهيءَ جي غير طبقاتي فطرت جي سلسلي ۾ خود ليون

ٽراٽسڪي پڻ واضح ۽ چٽو آهي. ليون ٽراٽسڪيءَ پنهنجي ڪتاب ”انقلاب سان غداري“ ۾ لکي ٿو ”سوويت عملدار شاهيءَ کي ’رياستي سرمايدارن‘ جي هڪ طبقي جي حيثيت ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪنهن به طرح تنقيد آڏو بيهي نه سگهندي. عملدار شاهيءَ وٽ نه ئي اسٽاڪ آهن ۽ نه ئي بانڊ. عملدار شاهيءَ جي ڀرتي ۽ عملدارن جو واڌارو ڪن به خاص ملڪيتي لاڳاپن کان آزاد انداز ۾ طيءِ ٿئي ٿو. هڪ عملدار پنهنجي رياستي حيثيت کي پنهنجن پونئيرن ڏانهن منتقل نه ٿو ڪري سگهي.“

انهيءَ حوالي سان پرک ڪجي ٿي ته اها ڳالهه واضح ٿي پوي ٿي ته عملدار شاهي ڪنهن به خيال کان هڪ طبقي جي حيثيت نه ٿي رکي، پر سوال جي اهميت ان ۾ آهي ته آخر سوويت سوشلسٽ رياست عملدار شاهيءَ جي ڪردار کي مٽائڻ طرف ڇو نه وڌي سگهي. ڪامريڊ لينن جن ڏينهن ۾ عملدار شاهيَءَ جو مطالعو ڪري رهيو هو ان وقت اهم سوال اهي هئا ته ڇا پرولتاري طبقي جي انقلابي تحريڪ کي رياستي ادارن تي قبضي جي گهرج آهي؟ ۽ پرولتاري ڪميونسٽ تحريڪ جو رياست ڏانهن رويو ڪهڙو هوندو؟ پر اڄ سوالَ جي نوعيت ۾ گهڻو فرق آهي ۽ اسان کي عملدار شاهيءَ جي سوشلسٽ رياست ۾ موجود ڪردار جي پرک جي سلسلي ۾ لينن وانگر مارڪس – اينگلس جي لکڻين جو هڪ نئين نقطي نگاهه. يعني سوشلسٽ رياست ۾ عملدار شاهيءَ جي خيال کان مطالعو ڪرڻو پوندو. ڪامريڊ ولاديمير لينن مارڪس – اينگلس جي لکڻين کي انهن مٿين سوالن جي نقطي نگاهه کان پرکيو پر لينن جي دؤر ۾ ان دؤر جي سوالن لينن کي مارڪس جي لکڻين ۾ موجود رياست جي پيدائش جي ٻي بنيادي سبب طرف متوجهه نه ڪيو. ڪامريڊ لينن جي تشريح جي حد اها هئي ته هن رياست جي پيداوار ۾ اچڻ جي عمل کي رڳو طبقاتي تضاد جو نتيجو سمجهيو ٿي، جڏهن ته مارڪس جي لکڻين ۾ اها راءِ به واضح آهي ته رياست عام ۽ خاص مفادن جي ٽڪراءَ جي ۽ ذهني – جسماني پورهيي جي وچ ۾ موجود ورڇ جو نتيجو آهي. اسين ان بنيادي حقيقت جي نقطي نگاهه کان ئي ليون ٽراٽڪسيءَ سان

اختلاف ڪريون ٿا، ڇاڪاڻ ته ليون ٽراٽسڪي سوويت رياست جي مطالعي جي سلسلي ۾ لينن جي ان راءِ کان اڳتي نه وڌي سگهيو ته رياست طبقاتي تضاد جي ئي پيداوار هجي ٿي.

ڪارل مارڪس موجب رياست رڳو طبقاتي تضادن جي پيداوار نه، پر مجموعي سماج جي ويڳاڙپ جو نتيجو آهي. ڪارل مارڪس پنهنجي ڪتاب ”جرمن نظريو“ ۾ ان حقيقت جي بار بار نشاندهي ڪئي آهي ته رياست جي مٽجڻ جو عمل تڏهن ئي پورو ٿي سگهي ٿو جڏهن خود سماج پاڻ وهيڙو ۾ پاڻ پرو ٿي وڃي. ٻين لفظن ۾ انساني سماج جي پڪي پختي ڪميونزم جي ڏاڪي ۾ داخل ٿيڻ تائين رياست مٽجي نه ٿي سگهي. انهيءَ حوالي سان اهو سوال پيدا ٿئي ٿو ته پوءِ آخر ڪميونزم جو دؤر ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ ريت پوري پختي طريقي سان جنم وٺندو. مارڪسي فلسفي جو هڪ بنيادي اصول اهو آهي ته هڪ سماجي – اقتصادي نظام ٻئي سماجي نظام جي جاءِ اوستائين والاري نه ٿو سگهي، جيستائين نئين سماج لاءِ نئين مادي پيداواري سرگرميءَ جو جنم نه ٿو ٿئي. جيڪڏهن ڪميونزم ذهني ۽ جسماني پورهيي جي فرق جي خاتمي سان جنم وٺندو ته پوءِ لازمي طرح سماجي زندگي کي اهڙن پيداواري سرگرمين جي جنم جو انتظار ۾ انتظار ڪرڻو پوندو جيڪي اهو فرق ختم ڪري ڇڏين. مطلب ته مادي سرگرميءَ جي بدلاءَ کان سواءِ رياست جي خاتمي جي ڳالهه ۽ عملدار شاهيءَ کان اقتدار ڇنڻ جو خيال هڪ خواهش ۾ بدلجي وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته جيستائين پورهيت طبقو پاڻ هڪ ذهني پيداواري قوت ۾ نه ٿو بدلجي، تيستائين پورهيت خود پيداوار جي عملدار وارو ڪردار ادا نه ٿو ڪري سگهي.

1917ع جو سوويت سوشلسٽ انقلاب بنيادي طرح صنعتي دؤر ۾ اڀريو ۽ صنعتي پيداواري عمل سماج ۾ پورهيت طبقي کي جسماني پورهيي کان آجو نه ڪري سگهيو. صنعتي نظام ۾ اٺ ڪلاڪ جسماني ميڪانڪي ڪم هڪ ضرورت آهي ۽ اها سماجي ضرورت پورهيتن کي پيداواري عملن جي سائنس کي سمجهڻ کان روڪي ڇڏي ٿي. مطلب ته صنعتي دؤر جسم جي ڪم جو اظهار آهي جسم

سموري دنيا جي پورهيي جي سلسلي سان سڏيءَ ريت ڳنڍجڻ ۽ هڪُ ٽيڻ جي صلاحيت نه ٿو رکي. اڄوڪي دؤر ۾ خودڪاري (Automatic) پيداواري سرشتي جي دريافت اها سگهه رکي ٿي جيڪا سماج ۾ پورهيتن کي ئي پيداواري سرگرمين جي رهنما واري سگهه ڏئي سگهي ٿي. چاڪاڻ ته انسان جو پيداواري عمل هاڻ هڪ نئين دؤر، يعني ذهني پورهيي جي دؤر ۾ داخل ٿي رهيو آهي ۽ اها اوسر اڄ ڪميونزم جي پختگيءَ جا وڏيڪ امڪانَ پيدا ڪري ٿي.

رهنما — ذهني پورهيو، جسماني پورهيي جي ڀيٽ ۾، هيٺيون صفتون رکي ٿو:

1. انسانن جي ضرورتن جي ڄاڻ، ۽ انهن جي پورائيءَ لاءِ ذريعن جي ڇنڊ ڇاڻ ۽ پورهيي جي مقصدن جي حاصلات جي ان سان مطابقت جي ڳولا ۽ ڪاوش.

2. ڌار ڌار اوچن سماجي مقصدن جي ڇنڊ ڇاڻ ۽ تعميل جا خاڪا تيار ڪرڻ.

3. پورهيي جي سلسلي جي الڳ الڳ ڪمن، ڪارجن ۽ ڪم ڪندڙن جي جوابدارين کي منظم ڪرڻ.

4. الڳ الڳ سماجي رٿائن جي پورائيءَ لاءِ ضابطو قائم ڪرڻ، الڳ الڳ ماڻهن جي وچ ۾ تعلق قائم رکڻ ۽ انتظام سنڀالڻ لاءِ صحيح ماپا ۽ قدم کڻڻ.

ان سموري مٿئين بحث مان اها ڳالهه واضح آهي ته سوويت سوشلزم صنعتي پيداواري سرشتي سبب رياست کي مٿائي نه ٿي سگهيو ۽ بغير عملدارن جي سماج جي ڪارگذاريءَ کي هلائڻَ ممڪن به نه هو.

هاڻ ٻيهر ان سوال طرف اچون ٿا جنهن ۾ بار بار اهو دهرايو ٿو وڃي ته اسٽالن سوشلزم جو غدار هو ۽ هن ڪيترن ئي انسانن جو قتلام ڪيو. ليون ٽراٽسڪيءَ جي راءِ ان سلسلي ۾ انتهائي ڪل جوڳي آهي. هو چوي ٿو ته هيٺ سماج ۾ سوشلزم هو ۽ ان جي مٿان ويٺل عملدار سوشلزم جا غدار آهن. اهو ائين چوڻ ٿيو ته پاڪستان جي سماج ۾ قيمتون حڪومت جي پاليسين جي ڪري نه ٿيون وڌن، پر اهي پاڻهي پاڻهي وڌي رهيون آهن. مطلب ته اسٽالني دؤر ۾ سوشلزم

موجود رهيو پر حڪومت سوشلزم جي خلاف هئي. اهو منطق دراصل اسٽالن سان بغض معاويہ جو اظهار ڪري ٿو. اسٽالني دؤر سوشلزم جي تاريخي ارتقا جو شاندار دؤر آهي. ان دؤر ۾ اسٽالن ۽ ان جي ساٿين سوويت سماج کي مڪمل صنعت ڪاريءَ جي عمل مان گذاريو. ان دؤر ۾ هاري اجتماعي فارمن جي تشڪيل جو عمل ٿيو. ان دؤر ۾ سوويت سماج دنيا کي وحشي سامراجي فاشي قوت کان آجو ڪرايو ۽ اهو ئي اهو دؤر هو جنهن ۾ چين ۽ دنيا جي سوشلسٽ تحريڪن جي مدد ڪئي وئي.

ٽراٽسڪائي ليڪڪن جو اهو راڳ ختم نه ٿو ٿئي ته 1935ع ڌاري اسٽالن هٽلر سان ٺاهه ڪيو. پر ان معاملي جي اصل حقيقت اها هئي ته ڪامريڊ اسٽالن اهو سمجهي ويو هو ته فاشي هٽلر کي مغربي سرمايداريت سوشلسٽ نظام کي ختم ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو آهي ۽ ان پس منظر ۾ هن هٽلر سان ٺاهه ڪري ٻي مهاڀاري لڙائيءَ لاءِ سوويت سماج کي تيار ڪيو.

ٽراٽسڪائي عالم پنهنجي ڪتابن ۾ ۽ لڳاتار لکت ۾ تسليم ڪندا رهيا آهن ته اوڀر يورپ ۾ سوشلزم موجود هو. آخر هنن کان ڪو اهو پڇي ته اهو سوشلزم اوڀر يورپ ۾ ڪنهن تعمير ڪيو. اها هڪ تاريخي حقيقت آهي ته اوڀر يورپ ۽ اوڀر جرمنيءَ جو سوشلزم ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ سوويت فوجي مداخلت جو نتيجو هو ۽ ان ۾ اڳواٽيءَ واري حيثيت اسٽالن کي حاصل هئي. جيڪڏهن اسٽالن پنهنجي ملڪ ۾ سوشلزم جو غدار هو ته اهو ڪيئن ممڪن آهي ته هو ٻين ملڪن ۾ سوشلزم جي اڏاوت ڪري!؟

ٽراٽسڪائي ليڪ ڏيڏرن وانگر ٽان ٽان ڪندا رهن ٿا ته اسٽالن دنيا جي انقلابن جي مدد نه ڪئي. دراصل اهي رڳو هڪ ٻن مغربي ملڪن جا حوالا ڏيندا رهن ٿا ۽ اهڙن ملڪن جا جتي خود اتان جي سوشلسٽ تحريڪ انقلاب برپا ڪرڻ کان نااهل هئي، هنن کي ٽين دنيا جا اُهي انقلاب نظر ئي نه ٿا اچن. جن کي مالي، سماجي ۽ سياسي مدد سوويت يونين ڪندو رهيو. اهي ڪيوبا جي ڪاسترو تي رڳو تنقيد ڪندا رهن ٿا ۽ اهو ياد نه ٿا ڪن ته 60 جي

ڏهاڪن ۾ آمريڪا کان ان انقلاب کي بچائڻ ۾ سڀ کان اهم ڪردار سوويت يونين ادا ڪيو.

دراصل ٽراٽسڪائيٽ سوشلزم جي نالي ۾ سوشلزم دشمني آهي. اِهي اُهي ڪامريڊ آهن جيڪي اسان جي پنهنجين صفن ۾ سامراجيت کي بچائڻ جو ڪردار ادا ڪن ٿا. ان جو واضح مثال اهو آهي ته ٽراٽسڪي ٻين مهاڀاري لڙائي شروع ٿيڻ کان اڳ سوويت سوشلزم جي هٽلر آڏو ناڪاميءَ جون اڳڪٿيون ڪندو رهيو ۽ سڄي دنيا جي ڪميونسٽن کي اهو درس ڏيندو رهيو ته سوويت يونين جي حمايت ۾ تائيد ختم ڪريو. مطلب ته هي مارڪسزم جي نالي ۾ ڪميونسٽن کي اڪيلو ڪري سامراجين آڏو شڪست قبول ڪرائڻ جا جتن ڪندو رهيو.

جيستائين تعلق آهي ان سوال جو ته استالني دؤر ۾ سختي سان ڪم ورتو ويو ۽ ڪيترن ئي غدارن کي سزائون ڏنيون ويون ته ان معاملي تي هڪ ڪميونسٽ جو مؤقف واضح طرح اهو آهي ته مارڻ مسئلو ڪونهي، پر ماڻهن کي ماريو ڇو ويو اهو هڪ اهم سوال آهي. هيگل گهڻو وقت اڳ ان سوال جو جواب ڏيندي چيو هو ته جنگ ۾ جيڪڏهن هڪ ڌر حق تي آهي ۽ ٻي ڌر جا ماڻهو ماريا وڃن ٿا ته اهم ڳالهه ماڻهن کي مارڻ نه، پر اهو اصول آهي جنهن جي بنياد تي ماڻهوءَ جو موت عمل ۾ اچي ٿو. مارڪسي نقطي نگاهه کان پڻ موت جو مسئلو سماج ۾ موجود مختلف طبقن جي وچ ۾ موجود قوت جي لاڳاپي سان متعين ٿئي ٿو. طبقاتي جنگ ۾ بورجوا طبقو لکن جي تعداد ۾ قتلام ڪندو رهيو آهي. اسين مارڪسي سوشلزم جي تعمير ۾ سخت گيري ۽ قوت جا مخالف ته آهيون، پر جيڪڏهن مخالف ڌر قوت جي استعمال کان باز نه ٿي اچي ته پوءِ اسين طاقت جي بنياد تي جواب ڏيڻ ۾ حق بجانب آهيون. سوويت سوشلزم اهڙين سخت ترين حالتن ۾ اپريو جنهن ۾جيڪڏهن اقتدار تي موجود ڌر طاقت جو استعمال نه ڪري ها ته شايد ئي سوشلزم بچي سگهي ها!

ان سڄي بحث کان جيڪڏهن ڪو اهو مطلب ڪيي ته ليکڪ استالن کي فرشتو ثابت ڪرڻ چاهي ٿو ته هو غلط بيانيءَ کان

ڪم وٺندو. ليکڪ جو مقصد رڳو اهو ثابت ڪرڻ آهي ته استالن سوشلزم جو غدار نه، پر ان جي واڌ ويجهه ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو رهيو. ان مان اهو مطلب ڪونهي ته استالن کان غلطيون سرزد نه ٿيون ۽ استالن تي ڪنهن به تنقيدي نقطي نگاهه سان بحث نه ٿو ڪري سگهجي. پر استالن جي حڪمت عملين کي سوشلزم سان غداري جي دائري ۾ آڻن بنهه هڪ ٻيو نقطي نظر آهي.

سوويت صنعتڪاري_ هڪ انقلابي عمل

سوشلسٽ معاشري جي تشڪيل جي سلسلي ۾ ٽراٽسڪي ۽ ان جا پوئلڳ استالن تي اهو الزام عائد ڪن ٿا ته هن سوويت معاشري جي اقتصادي جوڙجڪ جبر وسيلي ڪئي. بيشڪ استالن ۽ سندس ساٿين سوويت يونين جي اقتصادي تبديلي طاقت جي استعمال ۽ آڌار تي ڪئي، پر ٽراٽسڪي ۽ ٽراٽسڪائي ٻئي مارڪسي هجڻ جي دعويٰ ڪندي به مارڪس جي پرولتاري آمريت جي اُن تصور کي وساري ويهن ٿا جنهن ۾ رياست جو ڪردار پورهيت طبقي جي مفاد ۾ استحصالي طبقن جي مزاحمت کي ڪچلڻ آهي. مارڪس پنهنجي ڪتاب ”گوٿا پروگرام تي تنقيدي نظر“ ۾ پرولتاري آمريت کي سرمايداري نظام جي خاتمي ۽ سوشلزم ۾ عبور جي حالتن جي تياريءَ لاءِ هڪ لازمي ڏاڪو ڪوٺي ٿو.

دراصل ٽراٽسڪيءَ لاءِ آڪٽوبر 1917ع جي انقلاب کان پوءِ طبقاتي جدوجهد جي حقيقت هڪدم ختم ٿيڻ گهربي هئي ۽ سندس اهڙيءَ خام خياليءَ هن کي استالن طرفان جبراً ڪيل صنعتڪاريءَ جو مخالف بڻايو. ليون ٽراٽسڪي سوشلزم جي تعمير جي دؤر کي بغير طبقاتي جدوجهد جي عمل طور ڏسڻ چاهيو ٿي، پر حقيقت ۾ سوويت سوشلزم 1917ع جي انقلاب کان وٺي گورباچوف جي ردانقلابي سرگرميءَ تائين سياسي، نظرياتي ۽ طبقاتي لڙائين جو سلسلو هو.

1928ع ۾ استالن جي قيادت ۾ شروع ڪيل سوويت يونين جي صنعتڪاريءَ جو عمل پنجن سالن جي ٿوري عرصي ۾ پورو ڪيو

ويو ۽ پنجن سالن جي معمولي عرصي ۾ ڳري صنعت جي جوڙجڪ جي عمل سان ئي اها ڳالهه پڌري آهي تہ اهو عمل بغير جبر جي ٿي بہ نہ ٿي سگهيو. آخر اسٽالن ۽ هن جي ساٿين کي ايڏي تڪڙي تبديليءَ جي گهرج ڇو پيش آئي؟ سوويت يونين ۾ ان تڪڙي، پر ايڏي وڏيءَ تبديليءَ جا بنيادي طرح ٽي وڏا سبب هئا.

سڀ کان پهريون سبب اهو هو تہ سوويت يونين 1918ع ۾ ٽيل سامراجي چاڙتن ۽ انهن جي ”اڇي فوج“ سان لڙائيءَ سبب اقتصادي طرح ڪمزور ۽ نبل حالت جو شڪار ٿي چڪو هو ۽ زار جي دؤر جي صنعت پراڻي ۽ ختم ٿيل مشينريءَ سبب سوشلسٽ معاشري جي تعمير جي نين گهرجن کي پوري ڪرڻ کان نااهل هئي.

ٻيو سبب اهو هو تہ پراڻي موجود صنعت ڪنهن بہ طرح ڳري مشينري ٺاهڻ جي صلاحيت نہ ٿي رکي، ۽ ڳري صنعت جديد معاشي ترقيءَ لاءِ هڪ اهم ضرورت آهي، ۽ خاص طرح زرعي نظام جي جديد بنيادن تي تشڪيل لاءِ.

ٽئين سبب جي حقيقت ان ۾ سمايل هئي تہ پراڻي ۽ ناڪاره صنعت کي بحال ڪيو وڃي تہ جيئن نين اُڀرندڙ گهرجن کي جلد کان جلد پورو ڪيو وڃي.

دراصل انهن ٽن بنيادي سببن جي نتيجي ۾ شروع ڪيل صنعتڪاري سوويت يونين کي فوجي سازو سامان جي سلسلي ۾ پاڻ وهيڻو بڻايو ۽ انهن هٿيارن جي صنعت جي ترقيءَ سوويت سوشلزم کي سامراجي سرمايداري ملڪن جي يلغار کان بچايو ۽ خاص طرح ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ فاشزم مٿان سوويت يونين جي فتح صنعتي نظام جي اڏاوت جو نتيجو هئي.

4 فيبروري 1931ع تي اسٽالن سوويت يونين ۾ ٿيندڙ تڪڙي صنعتڪاريءَ جي عمل جي ضرورت هن ريت بيان ڪئي، ”ڇا توهين اسان جي سوشلسٽ ماتر ڀوميءَ کي شڪست خورده ۽ پنهنجيءَ آزادي کي وڃائيندي ڏسڻ چاهيو ٿا. اسين پنجاهه کان سؤ سالن تائين ترقي يافتہ ملڪن کان پوئتي آهيون. اسان کي اهو فرق ڏهن سالن ۾ پورو ڪرڻو پوندو ۽ جي اسان ائين ڪيو تہ ٺيڪ، نہ تہ هو اسان کي ناس ڪري ڇڏيندا.“

سوويت يونين جي چؤگرد موجود سرمايداري نظام جي ترقيءَ سان سوويت سوشلزم جي لاءِ توازن ۾ اچڻ لازمي هو ۽ جيڪڏهن سوشلزم جي نظام هيٺ سوويت عوام سرمايداريءَ جي مقابلي ۾ نہ ٿي آيو تہ پوءِ نتيجتاً اهڙو سوشلزم پنهنجيءَ بقا جي جنگ بہ وڙهي نہ سگهي ها! دراصل سوويت يونين جي صنعتڪاريءَ جي جبر واري تصوير جي پٺيان اها حقيقت لڪائي وڃي ٿي تہ جيئن سوويت پورهيت طبقي پوري جوش ۽ ولولي سان صنعتڪاري جي عمل کي ڪامياب بڻايو ۽ جيڪڏهن عوام ۽ رياست جو تعلق سوويت يونين ۾ ٽٽل هجي ها تہ پنجن سالن ۾ ٿيل اها معجزاتي تبديلي ممڪن بہ نہ هجي ها!

سوشلسٽ صنعتڪاريءَ جي عمل دوران سوويت يونين ۾ اهڙين نين صنعتن جي تعمير ڪئي وئي، جيڪي اڳ موجود نہ هيون. سوويت رياست خاص طرح مشين ٺاهڻ جي اوزارن جي ترقيءَ تي وڌيڪ ڌيان ڏنو. ان کان علاوه ان دؤر ۾ آٽوموبيل، ڪيميائي، لوهہ ۽ اسٽيل جي نين فيڪٽرين کي متعارف ڪرايو ويو. اهڙيءَ طرح اسٽالن جي حقيقي انقلابي قيادت ۾ سوويت يونين کي انجڻ ۽ توانائيءَ جي پيداوار جي حوالي سان ۽ ان سان گڏوگڏ ڪوئلي ۽ ٻين معدني وسيلن جي کوٽ جي پورائپ جي جديد ٽيڪنيڪي ترقيءَ سان هٿياربند ڪيو ويو.

سوويت يونين ان صنعتڪاريءَ جي عمل دؤران اهي سمورا اوزار جوڙي تيار ڪيا جيڪي زرعي سماج کي جديد صنعتي بنيادن تي بيهارڻ لاءِ ضروري هئا. زرعي سماج جي ترقيءَ لاءِ هنن ٽريڪٽر، جديد زرعي مشينري ۽ پيداوار جي واڌ ويجهہ لاءِ جديد ٽيڪنيڪي مهارت جي اوسر ڪئي. زرعي صنعت جي ترقيءَ جي پٺيان اسٽالن ۽ پارٽيءَ جو بنيادي مقصد اهو هو تہ سوويت زراعت کي سوشلسٽ اجتماعي فارمن جي بنياد تي تشڪيل ڏجي ۽ اهڙيءَ طرح عام غريب هاريءَ جي زندگيءَ جي معيار کي بهتر ڪيو وڃي.

عام طرح اها پروپيگنڊا عام آهي تہ سوويت عوام اسٽالن کي نہ ٿي چاهيو، پر حقيقت اها آهي تہ اج تائين اسٽالن سوويت دؤر جي

پورهيتن لاءِ هڪ هيرو آهي اسٽالن جي شخصيت رڳو انهن لاءِ جبر ۽ دهشت جي علامت هئي ۽ آهي، جيڪي ردانقلابي، غدار ۽ سرمايدارن، جاگيردارن جا ساٿاري هئا ۽ آهن.

سوويت يونين ۾ صنعتڪاريءَ جي جبري صورت کي سمجهڻ لاءِ ان حقيقت کي چڱيءَ ريت ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته اها صنعتڪاري سوويت يونين ۾ انتهائي ڏکين حالتن ۾ ٿي. هڪ پاسي سموري سرمايدار سامراجي ملڪن جي اها ڪوشش هئي ته سوشلسٽ سماج جلد کان جلد ناڪاميءَ جو شڪار ٿئي، ۽ ٻئي پاسي سوويت يونين جي اندر موجود زار جي دؤر جون رد انقلابي قوتون گروهن جي صورت ۾، سوويت سوشلزم جي خلاف ڪيترن ئي طريقن سان صنعتڪاريءَ جي عمل کي روڪڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيون هيون. 27 جون 1927ع تي پولينڊ ۾ ڪم ڪندڙ سوويت سفير ڪامريڊ وؤلڪوف کي اڇي فوج جي ڪارندن وارسا ۾ قتل ڪري ڇڏيو. انهيءَ وقت انگريز جاسوسن لينن گراڊ ۾ سڏايل هڪ پارٽي گڏجاڻيءَ ۾ بم ڌماڪو ڪيو ۽ جنهن ۾ ٽيهه پارٽي ڪامريڊ فوت ٿي ويا. اهڙي طرح سامراجي ملڪ برطانيه 1927ع جي اونهاري ۾ سوويت واپار تي پابندي عائد ڪئي ۽ سوويت يونين سان سمورا اقتصادي لاڳاپا ختم ڪري ڇڏيا. هي اُهو وقت هو جنهن ۾ سوويت واپاري گذرگاهن تي سامراجي ملڪن طرفان حملا ڪري روڪيو ويو.

دراصل جبري صنعتڪاريءَ جي ضرورت عوام جي پيداواري سگهن جي ترقيءَ جي ڪري پيش آئي، ۽ جبر انهن جي خلاف استعمال ٿيو جيڪي سوويت اقتدار جي خاتمي جا خواهشمند هئا.

1928ع ۾ شروع ڪيل صنعتڪاري سڄي سوويت معاشري جي ڪايا پلٽ ڪري ڇڏي. هزارين جاگيرداري سماج ۾ جڪڙيل هارين کي جديد صنعتي دؤر ۾ داخل ڪيو ويو ۽ صنعتي پورهيي جي سگهه 1932ع تائين ڇهن ملين جي انگ کان وڌي وئي. انهيءَ ساڳئي عرصي ۾ 12.5 ملين ماڻهن کي ڪيترن ئي نون شعبن ۾ روزگار ميسر ٿيو ۽ جن مان 8.5 ملين زار جي دؤر جا هاري هئا.

ڪامريڊ اسٽالن صنعتڪاريءَ جي عمل کي مظلومن جي پراڻن

حڪمران طبقن جي خلاف هڪ لڙائيءَ طور پيش ڪيو ۽ ان ۾ ڪامريڊ اسٽالن بلڪل درست هو. ڇاڪاڻ ته سوويت يونين جي اندر موجود ڪيترين ئي فيڪٽرين کي ”اڇي فوج“ ۽ پراڻن حڪمران طبقن جي نمائندن تباهه ڪرڻ جون ڪاوشون ڪيون ۽ ڪيترن ئي هنڌن تي زار جي دؤر جا انجنيئر ڪم ڪرڻ کان جواب ڏئي ڇڏيندا هئا. ان حقيقت جو هڪ اظهار اسان کي هڪ آمريڪي انجنيئر جان اسڪاٽ جي يادگيرين مان ملي ٿو. جيڪو سوويت يونين جي علائقي ميگنيٽو گورسڪ ۾ انجنيئر طور ڪم ڪرڻ آيو هو. هن جي انهن يادگيرين ۾ هو شيو چينڪو نالي مزدور جو ذڪر ڪري ٿو. جيڪو پاڻ کي هوشيار ۽ محنتي ثابت ڪري پارٽيءَ ۾ شامل ٿي ويو. پر 1935ع ڌاري يوڪرين مان هڪ مزدور پهتو جنهن شيوچينڪو جي اڇي فوج سان تعلق جي نشاندهي ڪئي. جڏهن اها خبر عام ٿي ته شيو چينڪو هن کي نوڪري ۽ پيسن جي رشوت ڏئي خاموش ڪرائي ڇڏيو. پر هڪ پيري اچانڪ پارٽيءَ جي اعليٰ اختيارين شيوچينڪو ۽ سندس ساٿين کي نوڪريءَ مان خارج ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح ڪيس هلڻ کان پوءِ هن کي ڏهه سال سزا ڏني وئي. جان اسڪاٽ لکي ٿو ته پهرين آءُ سوويت پارٽيءَ جي سوويت يونين اندر رد انقلابي قوتن جي موجودگيءَ جي ڳالهه کي رڳو هڪ پروپيگنڊا سمجهندو هوس، پر اڳتي هلي سوويت يونين ۾ ڪم ڪرڻ دؤران مون کي محسوس ٿيو ته اها بلڪل هڪ حقيقت آهي. ياد رهي ته جان اسڪاٽ پاڻ ڪميونسٽ فڪر ۽ نظريي جو مخالف هو.

هر سماج جي ٻئي سماج ۾ تبديلي ڪو آرام ده عمل نه ٿيندو آهي ۽ ان سماجي ڦيري ۾ تشدد جي امڪان کي رد ڪرڻ هڪ خام خيالي هجي ٿي. آءُ پاڻ سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ ٽن سالن لاءِ روس ۾ رهي آيو آهيان ۽ منهنجي آڏو اسٽالن جي خلاف موجود پروپيگنڊا جو ڪوڙ تڏهن نروار ٿيو. جڏهن آءُ اسٽالن جي دؤر جي فردن سان مليس. ماسڪو اسٽيٽ يونيورسٽيءَ ۾ روسي ٻوليءَ جي منهنجي استاد اينا ايليڪسا ندرونا سان جڏهن اسٽالن جي شخصيت تي ڳالهه ٻولهه ٿي ته هن چڙ ۾ ايندي چيو ته اسٽالن جي خلاف اها سڄي ڪوڙي پروپيگنڊا

اولهه جي سامراجي ملڪن ڪئي آهي.

سوويت يونين صنعتڪاريءَ جي نتيجي ۾ هڪ معجزاتي تبديليءَ جي عمل مان گذريو ۽ جنهن جي نتيجي ۾ سوويت سوشلزم هڪ عالمي طاقت ٿي پيو. 36-1934ع جي دؤران مجموعي صنعتي پيداوار ۾ 88 سيڪڙو واڌ آئي. 28-1927ع جي ڀيٽ ۾ 1937ع ڌاري مجموعي صنعتي پيداوار 18300 ملين روبلن کان وڌي 95500 ملين تائين پهتي. ٻين لفظن ۾ 1940ع تائين سوويت اقتصاديات ڍهوڻ تي واڌ ويجهه ڪئي ۽ تاريخ ۾ اهڙي تڪڙي تبديليءَ جو مثال ملڻ مشڪل آهي.

سوويت صنعتڪاريءَ کي جبر ۽ طاقت جي زور تي ٿيل صنعتڪاري چوڻ وارن کي اها حقيقت به ڀلي پت ياد رکڻ گهرجي ته انگلينڊ، فرانس، جرمني ۽ هاڻوڪي آمريڪا جي سموري صنعتڪاري ٻينڪيتن جي خام مال، فطري ذريعن ۽ پورهيتن جي بي رحم استحصال جو نتيجو آهي، جڏهن ته سوويت منصوبابند سوشلسٽ سماج ۾ ٿيل صنعتڪاريءَ لاءِ رياست طرفان ڪٺو ڪيل فنڊ اُتان جي پورهيتن ۽ پارٽيءَ جي بي لوث محنتن جو نتيجو هو. مطلب ته سامراجي ملڪن جي ترقي انسانن جي قتلام ۽ ڦرلٽ جي ڪهاڻي آهي ۽ جڏهن ته سوشلزم جي تعمير انسان جي پورهيي ۽ محنت سان لڳاءَ جو داستان آهي.

ڪامريڊ اسٽالن ۽ پارٽي هڪ لڳاتار لڙائيءَ جي عمل مان گذري سوويت يونين ٺاهيو ۽ اها لڙائي سوشلزم طرفان سرمايداريءَ خلاف ڪيل هڪ اهم مورچي جي دفاع جي لڙائي هئي.

اجتماعي هاري فارمن جو مسئلو

زار شاهي روس هڪ پٺتي پيل زرعي آبادي تي ٻڌل ملڪ هو. آباديءَ جو وڏو انگ ٻهراڙيءَ سان تعلق ۾ هو. روس ۾ جاگيرداري نظام سان گڏ هارپي جي پدرشاهاڻي پنچائتي صورت جو وجود پڻ هو. مارڪس هڪ هنڌ روس جي پنچائتي هاري شڪل تي راءِ ڏيندي لکيو آهي ته جيڪڏهن روس ۾ سرمايداري انقلاب جنم ورتو ته اها

پنچائتي هاري شڪل سرمايداراڻي صورت وٺي سگهي ٿي ۽ جيڪڏهن روس ۾ سوشلسٽ انقلاب آيو ته اها پنچائت سوشلسٽ صورت پڻ اختيار ڪري سگهي ٿي.

روس جي هاري سماج جي سوشلسٽ بنيادن تي تعمير هڪ انتهائي پيچيدو عمل هو ۽ اسان کي روس جي سوشلسٽ سماج جي تشڪيل جي سلسلي کي جدلي انداز سان پرکڻو پوندو.

مارڪسزم جي فڪر ۾ ليني ڏاڪي کان اڳ ٻين انٽرنيشنل ۽ مينشويڪن جي هاري مسئلي ڏانهن راءِ اها هئي ته هاري بنيادي طرح ملڪيت جي ذاتي صورت رکڻ سبب سوشلسٽ سماج جي تبديليءَ ۾ هڪ وڏي رڪاوٽ ثابت ٿي سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته هاري پيٽي بورجوا طبقي جي حيثيت ۾ پرولتاري طبقي سان مستقل اتحاد قائم نه ٿو ڪري سگهي. ليون ٽراٽسڪيءَ جي پڻ هارين ڏانهن اها ئي راءِ هئي. اهو ئي سبب هو جو ٻين انٽرنيشنل جي مارڪسين ۽ مينشويڪن جي، روس ۾ جاگيرداري لاڳاپن جي ڪري، راءِ اها جُڙي ته روس کي اول سرمايداري انقلاب جي دوُر مان گذرڻو پوندو ته جيئن هارپي جي صنعت ڪاري هارين ۾ پڻ طبقاتي فرق پيدا ڪري، هنن جي راءِ موجب روس جي زرعي آباديءَ ۾ جيستائين امير هاري ۽ غريب هاري جو طبقاتي فرق پيدا نه ٿو ٿئي، تيستائين سوشلسٽ انقلاب جا امڪانَ پوريءَ طرح اُڀري نه سگهندا. سندن اهڙيءَ راءَ هنن کي بورجوا طبقي جي قيادت ڏانهن مائل ڪيو ۽ ٻين انٽرنيشنل جا مارڪسي، ٿوري گهڻي فرق سان، سرمايداري نظام جي تشڪيل لاءِ روسي بورجوا طبقي جي قيادت کي همٿائڻ ۽ اُڀارڻ لاءِ جدوجهد ڪندا رهيا.

زارشاهي روس ۾ مارڪسي فڪر رکندڙ انقلابين جي هڪ وڏي لڙائي نرودازم يعني عوامي تحريڪ وارن جي نقطي نظر سان رهي. نرودنڪ تحريڪ جو نقطي نظر اهو هو ته روس کي مغربي سرمايداري رستو اختيار نه ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته مغربي سرمايداريت منافعي خوري ۽ انسان جي سخت ترين استحصال جو نظام آهي. نرودنڪ سياسي ماهر سوشلزم جي هاري صورت ۾ ويساهه رکندا هئا. سندن راءِ موجب زارشاهي جو خاتمو هارين جي روايتي پنچائتي شڪلين جي

بنياد تي سوشلسٽ سماج جي اڏاوت سان ڪري سگهجي ٿو. مارڪسي تحريڪ سندن اهڙي رومانوي تشريح جي تنقيد جي نتيجي ۾ روس ۾ عام ٿي. مارڪسي مفڪرن جو نقطي نظر هو ته هاري پنچائتي شڪلين جي بنياد تي سوشلزم جي تعمير نه ٿي ٿي سگهي، نرودازم جي بنيادي غلطي اها هئي ته اهو سرمايداري نظام کي رجعت پسند سماج جي حيثيت ۾ ڏسي پيو.

مارڪسي تحريڪ ۾ نرودازم سان نظرياتي لڙائيءَ جي حوالي سان ڪامريڊ لينن 1899ع ڌاري هڪ ڪتاب ”روس ۾ سرمايداريءَ جي اوسر“ جي عنوان هيٺ لکيو. ڪامريڊ لينن پنهنجي ان ڪتاب ۾ تفصيل سان واضح ڪيو ته روس نرودنڪن جي خيالي نظرين کان اڳ ئي سرمايداري دؤر ۾ داخل ٿي چڪو آهي ۽ اهو تيزيءَ سان هارين ۾ طبقاتي فرق کي جنم ڏئي پيو. لينن واضح ڪيو ته روس ۾ سرمايداري نظام جي تشڪيل زارشاهي بادشاهت جي خاتمي طرف وک آهي. لينن پنهنجي ان ڪتاب ۾ ان حقيقت تي زور ڏنو ته سرمايداري نظام جي پيداواري عمل ۾ پورهيي جي ورڇ جي نتيجي ۾ جنسن (Commodities) جي اقتصاديات روس جي ٻهراڙيءَ ۾ وڏي پيماني تي تبديليون آنديون آهن ۽ ساڳئي وقت هارپي ۾ مشينري جو استعمال هارپي جي نظام کي سرمايداري بنيادن ۾ بدلائي رهيو آهي.

ڪامريڊ لينن نه رڳو نردونڪن جو مخالف هو، پر ساڳئي وقت ٻين انٽرنيشنل ۾ مينشويڪن سان پڻ سخت نظرياتي اختلاف رکندڙ هو. ڪامريڊ لينن ٻين انٽرنيشنل جي مارڪسين سان ان ڳالهه تي متفق هو ته روس کي سرمايداري انقلاب وسيلي سڀ کان اول جاگيرداري نظام ۽ روس ۾ موجود پراڻين ملڪيتي شڪلين جو خاتمو ڪرڻو پوندو، پر ڪامريڊ لينن جو هنن سان اختلاف اهو هو ته روس ۾ بورجوا طبقو عالمي سرمايداريءَ جو ڳيجهو هجڻ سبب سرمايداري انقلاب ڪرڻ کان نااهل آهي. ڪامريڊ لينن پرولتاري ۽ هاريءَ جي اتحاد ۽ انهن جي جدوجهد کي سرمايداري نظام جي اڏاوت لاءِ اهم حيثيت ڏني ٿي. ڪامريڊ لينن جو خيال هو ته هاري جاگيرداري نظام سان ٽڪراءَ ۾ هجڻ سبب ۽ ساڳئي وقت زرعي سڌاري جي حمايتيءَ

طور لازمي طرح پرولتاري طبقي سان اتحاد ۾ ايندو ۽ ائين سرمايداريت جي پوري ترقي بورجوا طبقي جي قيادت ۾ نه، پر پرولتاري ۽ هاري طبقن جي قيادت ۾ ممڪن ٿي سگهي ٿي.

مارڪسزم جي نقطي نگاهه کان زرعي سڌارا ۽ زمين جي رياستي صورت ٻئي سرمايداري نظام جون معاشي شڪليون آهن. سوشلزم جي جيئڊان ۽ واڌاري جو بنياد هارپي جي سماجي شڪل جي جوڙجڪ آهي ۽ اها جوڙجڪ تڏهن ئي ممڪن ٿئي ٿي، جڏهن وڏي پيماني تي زراعت کي مشيني بنيادن تي بيهاريو وڃي.

روس جي سماج جي ارتقا ۾ هڪ بنيادي تبديلي، جنهن ڪامريڊ لينن کان اپريل 1917ع ۾ پنهنجي راءِ تبديل ڪرائي، سا مزدورن جي سوويتن جو وڏي پيماني تي اُڀار هو. ڪامريڊ لينن اپريل 1917ع ۾ ان راءِ جو ٿيو ته روس ۾ 1905ع مزدور سوويتن جو جنم، بورجوا پارلياماني نظام جي متبادل، سوشلسٽ نظام ڏانهن عملي قدم طور واضح ٿيو آهي. ڪامريڊ لينن اپريل 1917ع ۾ ان نتيجي تي پهتو ته پهرين مهاڀاري لڙائيءَ جي تباهه ڪارين روس جي پورهيت تحريڪ کي موقعو فراهم ڪيو آهي ته روس سوشلسٽ سماج جي ڏاڪي ۾ داخل ٿي سگهي.

آڪٽوبر 1917ع ۾ سوشلسٽن کي موقعو مليو ته هو اقتدار تي قابض ٿين ۽ اهڙيءَ طرح تاريخ ۾ پهريون ڀيرو سوشلزم طرف انسان ذات عملي وکون کنيون.

بالشويڪن جو 1917ع جي انقلاب وقت هارين لاءِ نعرو اهو هو ته ”سموري زمين هارين کي ڏني وڃي.“ ٻين لفظن ۾ اهو نعرو دراصل زرعي سڌاري جو نعرو هو ۽ نه ڪي هارپي جي سماجيت جو. ڪامريڊ لينن اهو سمجهيو پئي ته هاري جنگ ۽ جاگيرداري نظام مان بيزار ٿي چڪا آهن ۽ زرعي سڌاري جو نعرو ئي اهو واحد نعرو آهي، جيڪو هارين جي سمورين طبقاتي شڪلين کي پرولتاريءَ سان اتحاد ۾ آڻيندو. ڪامريڊ لينن اها ڳالهه پليءَ پت ڄاتي ٿي ته سوشلزم جو ڪم زرعي سڌارا ڪرڻ نه، پر اجتماعي فارمن جي تشڪيل آهي. پر ڪامريڊ لينن هارپي ۾ سماجيت جي عمل کي وڏي پيماني تي صنعتڪاريءَ ۽ هارين ۾ طبقاتي تقسيم کان سواءِ ممڪن نه ٿي سمجهيو.

لينن پنهنجي ڪتاب ”ڪابي ڌر جو ڪميونزم_ هڪ ٻاراڻي بيماري“ ۾ لکيو آهي ته شهرن ۾ سوشلسٽ انقلاب آڪٽوبر 1917ع ۾ آيو پر ٻهراڙين ۾ اهو انقلاب 1918ع ۾ برپا ٿيو. لينن پنهنجيءَ ان راءِ ۾ ان ڪري درست هو جو بالشويڪن زرعي سماج جي تبديليءَ جو عمل 1918ع کان شروع ڪيو.

آڪٽوبر 1917ع جي انقلاب کان پوءِ سوشلزم جي تشڪيل جو عمل ڪيترن ئي تضادن ۽ اُبتڙ حڪمت عملين جو اظهار هو. هنگريءَ جي مارڪسي مفڪر جارج لوڪاچ جي راءِ ۾ سوشلزم جي اڏاوت جو سلسلو يڪسان نه هو پر ان ۾ ڪيترائي هڪ ٻئي جي اُبتڙ عمل شامل هئا.

انقلاب کان يڪدم پوءِ جنگي حالتن سبب فوجي انداز ۾ جنگي ڪميونزم لاڳو ڪيو ويو. جنهن جي لاءِ بعد ۾ لينن لکيو ته اهو فيصلو انتهائي غلط هو. انقلاب کان پوءِ هارين ۾ زمين جي تقسيم ۽ هارين ۾ پيداوار جي اڻ برابريءَ تيزيءَ سان طبقاتي تقسيم پيدا ڪئي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو شهرن ڏانهن مالدار هارين اناج جي رسد بند ڪري ڇڏي اهڙيءَ صورتحال ۾ بالشويڪن مالدار هارين خلاف فوجي ڪارروايون پڻ ڪيون. پر ان سان به مسئلو حل نه پئي ٿيو ڇاڪاڻ ته صنعتي ترقيءَ کان سواءِ زراعت جي غير طبقاتي بنيادن تي تشڪيل ممڪن نه پئي ٿي.

اهڙين حالتن کي پيش نظر رکي لينن 22_1921ع ڌاري نئين اقتصادي پاليسي جو اعلان، جنهن جي مطابق هارپي کي سرمايداري عبوري دؤر مان گذاريو وڃي. لينن جو خيال هو ته پيداوار جي ذاتي صورت، پيداوار ۾ اضافي جو سبب بڻبي ۽ ائين اسين يعني رياست اهو مال ننڍي پيماني جي هاري سرمايدار کان خريد ڪندي، پر هارين ۾ ڪولاڪ يعني مالدار هاريءَ جي جنم اڳتي هلي وري ٻيهر شهرن ڏانهن، مهانگي اگهه جي گهُر سبب، رسد بند ڪري ڇڏي. اهو مسئلو وڏي پيماني تي اسٽالن جي دؤر ۾ اُڀري سامهون آيو ۽ ائين سوشلزم جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽون وجهڻ لڳو.

اسٽالن جي دؤر ۾ بحران اهو هو ته رياست وٽ ايتري رقم ڪونه هئي جو اها مهانگي اگهه تي مارڪيٽ مان اناج خريد ڪري سگهي ۽

ان جو فائدو ڪولاڪن ۽ امير واپارين حاصل ڪيو. ڇو ته اهي وڏي پيماني تي مارڪيٽ مان مال خريد ڪري وٺندا هئا. ساڳئي وقت ان حقيقت کي به ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته شهرن ۾ اسٽالن جي دؤر ۾ ٿيل صنعتڪاري وڏي پيماني تي اناج جي گهُرج کي وڌائي ڇڏيو هو.

اسٽالن اهو سمجهيو پئي ته سوشلزم کي ٽن طرفن کان خطرو آهي. شهرن ۾ ڏڪار واري حالت پيدا ٿي سگهي ٿي، ڪولاڪ ۽ امير واپاري پنهنجي سياسي طاقت وڌائي سگهن ٿا ۽ ان سان گڏوگڏ عالمي فوجي مداخلت جا امڪان پڻ موجود هئا.

اهڙين حالتن ۾ بالشويڪ پارٽي اجتماعي هاري فارمن جي تشڪيل جو فيصلو ڪيو. ان فيصلي وٺڻ جو بنيادي سبب اهو به هو ته روس جي سوشلسٽ بنيادن تي صنعتڪاري زرعي اجتماعي فارمن جي تشڪيل جا امڪان پيدا ڪري ڇڏيا هئا.

ڪولاڪ روس جي هاري آبادي جو رڳو 5 سيڪڙو هئا، ۽ انهن جي خاتمي ۾ غريب هاريءَ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ساٿ ڏنو. اجتماعي فارمن جي تشڪيل جو عمل هڪ مسلسل طبقاتي لڙائيءَ جو اظهار هو ۽ اجتماعي فارمن جي تشڪيل هڪ لمحي ۾ نه، پر ڪيترن سلسلن تي محيط هئي.

پهرين آڪٽوبر 1927ع تائين 286000 (ٻه لک ڇهاسي هزار) هاري خاندان اجتماعي فارمن تحت رهڻ لڳا. پر آڪٽوبر کان جون تائين اجتماعي فارمن تحت رهندڙ هاري 4 سيڪڙو کان 7.5 سيڪڙو ٿي ويا.

سموري بورجوا دنيا ۾ اسان جا ٽراٽسڪائي، اهو راڳ ڳائين ٿا ته اسٽالن هارين سان تمام گهڻي جبر کان ڪم ورتو پر حقيقت ۾ 5 سيڪڙو امير هارين سان طبقاتي لڙائيءَ ۾ هنن کي 95 سيڪڙو غريب هارين جو انقلابين سان ساٿ نظر ئي نه ٿو اچي.

اجتماعي فارمن جي تشڪيل هڪ وڏي عوامي تحريڪ هئي، جنهن ۾ ڪيترن ئي بالشويڪن جون قربانيون شامل آهن. اجتماعي فارمن 33_1932ع تائين 15.5 سيڪڙو اناج پيدا ڪري ورتو اهو ايترو ته هو جو آسانيءَ سان امير هارين جو مقابلو ڪري سگهيو ٿي.

آهستي آهستي تمام وڏي پيماني تي هارين اجتماعي فارمن ۾

شموليت اختيار ڪرڻ شروع ڪئي. پارٽيءَ وڏي پيماني تي ذاتي ملڪيتي فارمن جي جاءِ تي اجتماعي فارمن جي تشڪيل جو عمل طئي ڪيو. ڪيترن ئي هنڌن تي پارٽي وٽ اجا ٽيڪنيڪي ماهر ۽ گهربل حالتون نہ هيون. پر تنهن جي باوجود پارٽي هڪ نئين سماجي سوشلسٽ زراعت کي تشڪيل ڏيڻ ۾ ڪامياب وئي.

دراصل استالن ۽ سندس عملدار شاهي تي ٽراٽسڪائين جي سوشلزم سان غداريءَ جي الزام تراشي ان حوالي سان بہ بي بنياد آهي تہ هاري اجتماعي فارم سوشلسٽ سماج جي ئي هڪ معاشي شڪل آهي ۽ جيڪڏهن استالن سوشلزم جو غدار هو تہ پوءِ هڪ غير سوشلسٽ، سوشلزم جي اڏاوت ڪيئن تي ڪئي.

سوويت روس جي پنتي پيل معاشري هجڻ سبب ڪيترن ئي علائقن ۾ مڪمل طرح سان اجتماعي فارمن جي تشڪيل عمل ۾ نہ اچي سگهي، ۽ ڪيترن ئي هنڌن تي پراڻين هاري پنچائتن کي قائم رهڻ ڏنو ويو. پر انهن سيني ڏکيائين جي باوجود انساني تاريخ ۾ پهريون ڀيرو هارپي جي سوشلسٽ شڪل جو جنم ٿيو ۽ سوويت يونين جي سپر پاور ۾ تبديل ٿيڻ ۾ هاري اجتماعي فارمن جي وڏي انگ ۾ پيداوار هڪ اهم سبب هو.